چونڊ

# عالمي شاعري

سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# ترتيب


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 03 | اولهہ جي شاعري |
| 26 | وچ اوڀر جي شاعري |
| 36 | ڏکڻ ايشيا جي شاعري |
| 56 | ويتنامي شاعري |
| 67 | جاپاني شاعري |
| 79 | فارسي: حافظ شيرازي |
| 99 | فارسي: مولانا رومي |
| 107 | فارسي: عمر خيام |
| 116 | فارسي متفرق |
| 127 | عربي شاعري |

# منهنجو انتظار ڪج!

## ڪاسٽنٽائين سمونو (روس)

[انقلابي قومي جنگ تي ويل سپاهيءَ جو پنهنجي گهرواريءَ ڏانهن خط. هيءَ ٻي جنگ عظيم جي سڀ کان مشهور نظم دنيا جي ٻي انداز ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي.]

منهنجو انتظار ڪج!
تمام گهڻو، تمام سخت انتظار ڪج، تہ پوءِ آءٌ ضرور موٽي ايندس،
جڏهن ڪڪر ڪاروڻيار ڪري اچن، ڪنوٽيون ڪنون
۽ تنهنجي دل ڏک ۽ نااميديءَ وچان ڦاٽڻ لڳي.
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن لُڪون ۽ جهولا لڳن! اڪ تپن.
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن ڏورانهين ڏيهہ کان،
تو ڏانهن منهنجا خط ۽ نياپا اچڻ بند ٿي وڃن،
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن ٻيا انتظار ڪري ڪري بيزار ٿي پون ۽
منهنجو انتظار ڪرڻ ڇڏي ڏين،
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن خود منهنجي منڙي جيجل ۽ منهنجي اکين جو نور پٽ بہ
سمجهن تہ فلاڻو هميشهہ لاءِ هليو ويو،
منهنجو انتظار ڪج!
جڏهن منهنجا مٽ مائٽ، سنگتي ساٿي،
منهنجي وفات جي عذرخواهيءَ لاءِ اچن ۽ فاتح لاءِ هٿ کڻن،

تون پنهنجا هٿ روڪج!
منهنجو انتظار ڪج!
آءٌ سمورن موتن کي مات ڪري،
هڪ ڏينهن ضرور موٽي ايندس!
منهنجو انتظار ڪج!
جن کان انتظار نہ ٿيو، سي يلي چون،
تہ فلاڻو قسمت سان بچي ويو!
ڪين خبر ئي ڪانہ پوندي،
تہ موت جي گهيري اندر،
تو پنهنجي انتظار سان،
مونکي بچائي ورتو!
فقط توکي ۽ مونکي خبر هوندي، تہ آءٌ ڪيئن بچيس.
فقط پاڻ ٻن کي خبر هوندي،
تہ آئون انهيءَ ڪري بچي ويس،
جو تو منهنجو اهڙو انتظار ڪيو،
جهڙو ٻئي ڪنهن بہ، ڪنهن جي لاءِ نہ ڪيو هوندو!
منهنجو انتظار ڪج!
منهنجو انتظار ڪج!

●●

# جيڪڏهن....

## (If)

رڊيارڊ ڪپلنگ (انگلينڊ)

[رڊيارڊ ڪپلنگ جي مشهور نظم ”اِف“ (IF) جو ترجمو، جنهن ۾ هڪ پيءُ طرفان پٽ کي نصيحت ڪيل آهي. هي نظم دنيا جي لاتعداد ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي.]

”جيڪڏهن
ان وقت جڏهن،
تنهنجي چوڌاري سڀ ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي ويهي رهن ۽
سڀ سڄو ڏوهہ توتي مڙهين،
تون پنهنجا هوش حواس سلامت رکين،
جيڪڏهن ان وقت،
جڏهن سڀ ماڻهو توتي ڀروسو نہ ڪن،
تڏهن تون پنهنجو پاڻ تي ڀروسو قائم رکين،
۽ سندن شڪ شبهن لاءِ کين ڏوهہ نہ ڏين،
جيڪڏهن تون انتظار ڪري سگهين،
۽ انتظار ڪندي ٿڪي نہ پوين،
جيڪڏهن ماڻهن جون تنهنجي باري ۾ ڪيل ڪوڙيون ڳالهيون
ٻڌي ٻڌي،
تون پاڻ بہ ڪوڙن هٿڻ ۾ نہ پئجي وڃين؛
جيڪڏهن نفرت نہ ڪرڻ لڳين،
۽ ان چڱيءَ سوچ سبب پاڻ کي اجايو نيڪ نہ سمجهڻ لڳين،
اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ لڳين،

جن مان ڏاهپ جو ڪوڙو ڏيکاءُ نظر اچي؛
جيڪڏهن تون خواب لهي سگهين
۽ خوابن کي پاڻ تي سوار نہ ڪري ڇڏين،
جيڪڏهن تون سوچي سگهين
۽ رڳو سوچيندي ئي رهڻ کي پنهنجو مقصد نہ بنائي ڇڏين
جيڪڏهن تون سوڀ توڙي شڪست سان ملين
۽ ٻنهي ٻهروپين سان هڪ جهڙي هلت هلين؛
جيڪڏهن تون اها ڳالهہ برداشت ڪري سگهين
تہ تو جيڪو سچ ڳالهايو آهي،
تنهن کي بدمعاش ماڻهو توڙي مروڙي،
ان مان احمقن کي برغلائڻ لاءِ ڪوڙڪي بنائي ڇڏين؛
جيڪڏهن
تنهنجي ڏسندي ڏسندي،
اهي سموريون شيون ۽ ڳالهيون
جن کي ناهڻ ۽ بنائڻ لاءِ تو پنهنجي سموري
زندگي ڏني آهي،
سي سڀ ڀڄي ڀور ڀور ٿي پون،
۽ تون هيٺ جهڪي پنهنجي ڳنل ۽ ڪُٽيل اوزارن سان،
انهن کي وري اڏي وجهين،
جيڪڏهن،
تو زندگيءَ جي راند ۾ هيسيتائين جيڪي بہ ڪجهہ کٽيو آهي،
ان سموري کٽئي کي گڏي سڏي،
ان کي هڪڙي ئي داءَ تي لڳائي ڇڏين،
۽ هارائي وجهين،
۽ وري الف کان وني نئين سر راند شروع ڪرين،
۽ ڪنهن سان بہ پنهنجي ان نقصان بابت
ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍين؛
جيڪڏهن

تون پنهنجي دل کي، پنهنجي اعصابن کي ۽ پنهنجي بدن جي مشڪن کي مجبور ڪرين،
تہ اهي جڏهن صفا ختم ٿي ويا هجن،
۽ جڏهن تو ۾ سواءِ مضبوط ارادي جي،
جيڪو توکي پيو چوي تہ: ”متان هٿ ڪڍين!“
تو وٽ ٻي رتيءَ جيتري بہ پهچ نہ رهي هجي،
تڏهن جيڪڏهن تنهنجو چيو مڃي،
تنهنجي دل، تنهنجا اعصاب ۽ تنهنجون مشڪون،
جنهن شيءِ کي مضبوطيءَ سان جهلڻو آهي،
تنهن مان هٿ نہ ڪڍن ۽ ان سان چُهٽيا پيا هجن،
جيڪڏهن،
تون جڏهن ماڻهن جي ميڙاڪن سان ڳالهائين
تڏهن پنهنجون شرافتون برقرار رکين؛
جيڪڏهن
تون بادشاهن سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي گهمين
۽ مسڪينن سان ياري قائم رکي سگهين؛
جيڪڏهن توکي نہ دشمن، نہ پيار ڪندڙ دوست ڪو دلي صدمو ڏيئي سگهن؛
جيڪڏهن هڪڙي بخش نہ ڪندڙ منٽ ۾ ڊوڙ پائي،
تون ان ۾ سٺ سيڪنڊن جي ملهہ جيترو فاصلو طئي ڪري ان منٽ کي سئو سيڪڙو سجايو ڪري سگهين؛
تہ پوءِ هي ڌرتي تنهنجي آهي،
۽ ان ۾جيڪي ڪجهہ آهي سو تنهنجو آهي
۽ منهنجا پٽ!
وڏي ڳالهہ اها،
تہ پوءِ تون سچ پچ مڙس ماڻهو بڻجي ويندين!“

# انسان بهرحال انسان آهي
## (A man is a man for all that)
### رابرٽ برنس (اسڪاٽ لينڊ)

[رابرٽ برنس (1759 ـ 1796 ع) انگريزيءَ جو مشهور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي. هو اسڪاٽلينڊ جي آزادي پسند پهاڙي سرزمين جو رهاڪو هو. سندس شاعري انساني پيار ۽ عوامي جذبن سان ٽمٽار آهي.]

ڪو اهڙو آهي ڇا،
جو پنهنجيءَ شرافت پريءَ غريبيءَ تي،
شرم وچان،
ڪنڌ ڪٽيو هيٺ ڪري؟
وغيره وغيره . . .
(جڻ تہ ڪو وڏو ڏوهہ ڪري وڌو اٿس!)
اهڙي بزدل گولاڙي کي اسان جو پري کان سلام آهي؛
اسان جو پري کان سلام آهي،
ڇو تہ
ڪٽي ڇا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي!
برابر، اسان جو پورهيو ڪنهن جي نظر ۾ پلي تڇ هجي،
(ان جي مقابلي ۾ ماڻهن کي وڏا وڏا محل ۽ وڏا وڏا لقب مليل آهن.)
وغيره وغيره . . .
اسين بنا ڪنهن هٻڪ جي چئون ٿا تہ ها،
اسين برابر غريب آهيون، مفلس آهيون، نادار آهيون؛

چو تہ
ڪٽي چا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي.
چا ٿي پيو
جي احمق اطلس پيا پهرين،
۽ رذيل شراب پيا ڏوڪين،
وغيره وغيره،
۽ اسين بڪيا ۽ ڏڪيا،
هيٺا ۽ بيحال آهيون؛
چو تہ
ڪٽي چا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي!
فقط سچار ماڻهو عزت جي لائق آهي،
چاهي ڪهڙو بہ غريب هجي؛
چو تہ
ڪٽي چا بہ هجي،
انسان بهرحال انسان آهي.
اهو ٽرڙو ڏسين ٿو،
جنهن کي، ”سائين! سائين!“ پيا ڪن،
ڪيئن نہ ڦونڊ ۾ پريو،
آڪڙ سان،
ماڻهن ڏانهن پيو گهوري!
سڀي خلق سندس پوڄا پيئي ڪري،
وغيره وغيره،
وغيره وغيره.
پر،
ڪٽي چا بہ هجي،
آهي تہ ڇسو ۽ ڪِريل نہ!

خوددار انسان،
هن جي ٽنڊ ۽ آڪڙ،
وغيره وغيره،
وغيره وغيره،
کي ڏسي،
حقارت وچان ڪلي ڏيندو؛
ڇو ته سندس سمورو ٺاٺ
سارو رعب ۽ تاب،
ڪوڙو ۽ نقلي آهي!
اڇو ته دعا گهُرون ته شل ائين ٿئي
(۽ ضرور ائين ٿيندو)
ته
روءِ زمين تي
سمجهه ۽ لياقت جو سڪو هلي!
هينئر ڪٿي چا به هجي،
ڪٿي چا به ٿئي،
پر نيٺ اهو ڏينهن ايندو،
جڏهن سموريءَ ڌرتيءَ تي
ماڻهو ماڻهوءَ جو ياءُ تي ويندو؛
ڇو ته
ڪٿي چا به هجي،
انسان بهرحال انسان آهي!

●●

# ڏسيو، منهن ڦيرايو چڙيان
## (I sit and see out)

والٽ وٽمئن (آمريڪا)

[والٽ وٽمئن (1819 ـ 1892) آمريڪا جو عظيم قومي شاعر جمهوري قدرن جو زبردست علمبردار هو. هو محب وطن هئڻ سان گڏ فطرت جو پرستار ۽ انسانيت جو پرچارڪ هو.]

آءٌ وينو آهيان،
۽ وينو ڏسان ـ
دنيا جا سمورا غم،
سمورا ظلم ۽ سموريون ذلتون.
آءٌ ٻڌان پيو ـ
لڪل، هنيون ڦاڙيندڙ سُڏڪا،
انهن نوجوانن جا،
جيڪي پنهنجو پاڻ مان تنگ آهن،
۽ جيڪي ڪيو اٿن،
تنهن مان بيزار ۽ پاڻ تي شرمسار آهن.
آءٌ هيٺن جي دنيا ڏسان پيو ـ
ماءُ، اولاد جي ستايل،
بيواهه، ڏٻري ۽ تنگ،
آءٌ ڏسان پيو ـ
زال، مرد جي آزاريل.
آءٌ ڏسان پيو ـ معصوم ڇوڪرين کي نڱي، سندن عصمتون لٽيندڙ.
آءٌ جاچيان پيو ـ حسد جون ٻرڇيون،

ناڪام محبت جي شڪستن کي لڪائڻ جون ناڪام ڪوششون؛
آءٌ دنيا تي اِهي سڀ نظارا ڏسان پيو.
آءٌ ڏسان پيو ـ جنگ، مرض ۽ ظلم جون تباهيون؛
آءٌ شهيد ۽ قيدي ڏسان پيو.
آءٌ سمنڊ تي ڪاڏي جو ڏڪار ڏسان ٿو؛
ڏسان پيو تہ ناڪئا پُڪا پيا وجهن تہ پاڻ مان ڪنهن کي مارجي،
جو باقي رهيلن جي حياتي بچي پوي!
آءٌ آڪڙباز ماڻهن جون،
مزدورن، غريبن، ڪاريءَ چمڙيءَ وارن شيدين ۽ ٻين هيٺن سان
بيعزتيون ۽ عقوبتون ڏسان پيو؛
اهو سڀڪجهہ، . . . سموري اٽڪٽ رذالت ۽ عذاب،
آءٌ وينو ڏسان . . .
وينو ڏسان، وينو ٻڌان . . .
۽ ماٺ ڪري وينو آهيان!

••

# تنهنجو مقصد

بلن ايم هنتنگ تن گيتس

جيڪڏهن تو ۾ اها طاقت ڪانهي،
جو تيز ۽ تکن ٻيڙن سان گڏجي سمنڊ تي سفر ڪرين.
پهاڙن جيڏين اوچين لهرن مٿان لوڏا کائين،
جيڪي طوفان سمنڊ ۾ گڏجن تن تي ٿهڪ ڏين.
تہ تون انهن ٻيڙياتن جي وچ ۾ بيهي سگهين ٿو،
جيڪي اجان تائين ڪناري تي
لنگر هٽيو بينا آهن.
تون ڪين ٻيڙا هاڪاري سمونڊ ۾ وجهڻ ۾
هٿ وجهائي سگهين ٿو.
جيڪڏهن تون سِڌو مٿي ويندڙ
اَٽانگن، اوچن پهاڙن تي،
چڙهائي ڪرڻ جهڙو ناهين،
تہ جڏهن انهن تي چڙهائي ڪندڙ،
تنهنجي پاسي مان لنگهي مٿي روانا ٿين،
تڏهن تون ڪين منڙا گيت ٻڌائي سگهين ٿو.
تي سگهي ٿو تہ هو گيت ڳائيندڙ ڪي وساري ڇڏين،
پر هو گيت نہ وساريندا.
جيڪڏهن تو وٽ سون ۽ چاندي ڪونهي،
جيڪڏهن تنهنجو هٿ انهن لاءِ کليل ڪونهي،
جن جا هٿ تنگ آهن،
تہ تون مصيبت جي ماريلن سان وجي ملي سگهين ٿو.

تون راھ پنڪيلن لاءِ ڳوڙھا ڳاڙي سگھين ٿو،
جيڪڏھن تون ويڙھ ۾،
سپاھيءَ طور ڪامياب نٿو ٿي سگھين،
جيڪڏھن تون اتي ڪمائتو نٿو ٿي سگھين،
جت باھ ۽ دونھون سڀ کان گھٽو آھي،
تہ پوءِ، جڏھن ميدان جنگ خاموش ٿي وڃي،
تڏھن تون سنڀالي سنڀالي وکون کڻندو،
پَٽَ تي پيل زخمين وٽ پھچي،
انھن کي ڪٽي وڃي سگھين ٿو،
۽ مئلن کي ڍڪي سگھين ٿو.
تہ پوءِ ڪنھن وڏي ڪارنامي جي انتظار ۾،
بيڪار وينو نہ رھ!
خوشنصيبي سست ديوي آھي.
اھا ڪڏھن بہ تو وٽ پاڻھي ڪانہ ايندي.
ڪم ڪرڻ ۽ جرئت ڌارڻ کان نہ ڊڄ
جيڪڏھن توکي پورھيي لاءِ ڪو ميدان ڪپي
تہ اھو توکي ھرھنڌ ملي ويندو.

●●

# چار جرمن نظم

## گمنام

ٽڪر تي وڏو گهر بيٺو آهي،
روز صبح جو سويل تي سهٽيون جوانڙيون،
ان مان ٻاهر نهاريندي آهن.
هڪ جو نالو سوسنا آهي، ٻيءَ جو اين ميري:
ٽينءَ جو نالو ڪونه وٺندس. مون کي اهائي گهرجي.

•

## ڊوران ڪرينبرگ

چيومانس: محترمہ، آءٌ رات لڙيءَ تائين
توهان جي بستري جي پرسان بيٺو هوس
پر توهان جي ننڊ خراب ڪرڻ جي گستاخي نہ ڪيم!
”توتي شل ڪا خدا جي مار پوي!
آءٌ جهنگلي مرون تہ ڪانہ هيس جو مون کان ڊنين ٿي!“

•

## گمنام

جيڪڏهن سڄي ڌرتي،
سمنڊ کان وٺي رائين نديءَ تائين،
منهنجي هجي ها،
تہ آءٌ اها قربان ڪري ڇڏيان ها،
جيڪڏهن انگلنڊ جي راڻي منهنجي هنج ۾ اچي وڃي!

•

# فريدرڪ وان هريسن

منهنجي دل ۽ منهنجو جسم،
سدائين همسفر رهيا آهن،
پر هاڻ ڌار ٿيڻ ٿا چاهين.
منهنجو جسم ڪافرن سان لڙڻ گهري ٿو،
پر منهنجي دل،
سڄي دنيا کي ڇڏي،
پنهنجي لاءِ هڪ من موهڻي صورت پسند ڪئي آهي.
ان ڏينهن کان وٺي آءٌ آزار ۾ آهيان،
جو هي هڪٻئي سان گڏ رهڻ جي ئي نٿا ڪن.
منهنجي اکين مون سان وڏو ويل ڪري ڇڏيو آهي.
خدا کو هي جهڳڙو نبيري،
باقي منهنجي وس جي ڳالهه ئي ڪانهي.
آءٌ في سبيل الله جهاد تي ويس،
۽ پانيم تہ معاملو نيڪ ويو.
منهنجي دل جو فرض هو تہ هو مون وٽ رهي ها،
پر هوءَ پنهنجي وفا کان مجبور هئي.

••

# الوداع

## پشڪن (روس)

[ارڙهين صديءَ جي عظيم روسي شاعر الگزينڊر پشڪن جي مشهور روماني داستان ”يوجين اونگين“ جي پڇاڙيءَ وارو ٽڪرا]

افسوس، ازل جي عجيب مرضيءَ موجب
اسان جي قسمت ۾ لکيل آهي تہ هر نسل کي وڌندو
ويجهندو ڏسون . . .
زندگيءَ جي اوڙين ۾، انساني فصل جي ناس ٿيڻ
وارن سلن کي اُسرندو ڏسون.
اهي سلا، جن جي سهڻي اوسر آهي ئي ڇڻڻ لاءِ!
جتي هڪ سلو ڇڻي ٿو، اتي ٻيو اڀريو اچي؛
انسانذات رڳو اُهو ئي ٿي چاهي تہ بيحساب وڌندي رهي!
هوءَ پنهنجن ڏاڏن کي امالڪ قبر ڏانهن اُماڻيو ڇڏي؛
اسان جو وارو بہ پنهنجي وقت تي ايندو،
اسان جا پوٽا بہ اسان کي اُڪلائيندا.
پر، في الحال،
اچو تہ ڏکن ڏاکڙن کي وساري،
خوشيءَ جي خزانن مان جيڪي جهوليءَ ۾ جهمي اچي،
سو قبوليون.
خبر اٿم تہ حياتي آهي پاڻيءَ تي ڦوٽو؛
مون کي بہ ان لاءِ ٿورو ئي ڪو چاهہ آهي،
نہ وري ڪا خوش فهمي ئي ٺڳيم ٿي،
مون کي دنيا مان اها توقع ڪانهي تہ ڪو هو

منهنجي پورهئي جو قدر ڪندي؛
پر، تہ بہ، ممڪن آهي تہ منهنجو نالو، ناموس جو چٽ پهري.
اڻ ٽيٽي ڪانهي تہ منهنجن شعرن جو نور ڪيس چمڪائي؛
من سندم ڪو شعر ڪنهن کي ياد رهجي وڃي،
۽، دلگهرئي دوست وانگر،
منهنجو ذڪر ڇيڙي وجهي!
من منهنجا لفظ ڪنهن اٽڃاول عاشق جي دل گرمائين؛
من منهنجا بيت، حاسد تقدير هٿان بچي،
دنيا تي جيئرا رهجي وڃن!
۽ ها،
ڏور، ڪنهن پوئين زماني ۾،
جڏهن آءٌ روانو ٿي چڪو هوندس،
شايد ڪو دل وارو،
منهنجي تصوير ڏانهن اشارو ڪري،
چوي:
”شاعر تہ هھڙو!“

●●

# امر ستون

## اليڪساندر تواردوفسڪي (روس)

ميدان جنگ تي،
لڪي ڇپي، خندق ۽ کاهين ۾، ڪچين ڇتين هيٺان،
گسن پنڌن تي،
مينهن وسندي، پنڌ ڪندي،
سياري جي پارن ۾،
برفاني واچوڙن ۾،
مون گيت جون اهي ستون لکيون
جن مان هرڪا ست پنهنجي سر
پاڻ جيئري رهي حياتي ماٽي تي.

●●

# زندگي کو سپنو ڪونهي

لانگ فيلو

مون کي ڏکويل انداز ۾ اهو نہ ٻڌاءِ تہ
”زندگي فقط سڪڻو خواب آهي،
روح مئلن وانگر ستو پيو آهي
جيڪو نظر اچي ٿو سو حقيقت ۾ ڪجهہ ڪونهي.“
زندگي حقيقت آهي! زندگي ساپيان آهي.
زندگي سپنو ڪونهي!
زندگيءَ جي منزل رڳو قبر ناهي.
”توهان خاڪ آهيو ۽ خاڪ ڏانهن موٽي ويندؤ“
اها ڳالهہ روح لاءِ چيل نہ آهي.
ائين نہ چئو.
”فن ڊگهو آهي ۽ وقت اڏامندو وڃي.
اسان جون دليون پلي ڪٽي،
ڪيڏيون بہ مضبوط ۽ دلير چو نہ هجن،
پر زندگي ڊبيل آواز ۾ وڄندڙ نغارن سان،
جنازي جي قبر ڏانهن سفر جون،
ماتمي ڌنون پيئي وڄائي.“
زندگيءَ جي وسيع ميدان جنگ ۾،
بي زبان وهڻن وانگر،
رڳو ڪاهجندا نہ هلو،
پڙ جا پهلوان ٿيو،
آئيندو ڪڏهن بہ وڻندڙ هجي.

ان تي اعتبار نہ ڪريو.
مئل ماضيءَ کي ڇڏيو،
تہ پلي پنهنجا مردا دفن ڪري.
هاڻوڪي جيئري وقت ۾ عمل ڪريو!
سمورن عظيم ماڻهن جون حياتيون،
اسان کي ياد ٽيون ڏيارين ٿيون ٿہ،
اسين پنهنجيون زندگيون اعليٰ بڻائي سگهون ٿا،
۽ جڏهن هتان موڪلايون
تڏهن پويان وقت جي ريتيءَ تي،
پنهنجي پيرن جا اهڙا نشان،
ڇڏي وڃي سگهون ٿا،
جن نشانن کي ڏسي،
اسان جي پويان زندگيءَ جي شاهراهہ تي سفر ڪندڙ
اسان جا ٿڪل ٽٽل مسافر پائر،
نيون همتون ۽ نوان حوصلا حاصل ڪري سگهن.
تہ پوءِ اچو تہ اٿي کڙا ٿيون
۽ شروع ٿي وڃون!
۽ پنهنجي دل اهڙي ڏاڍي ڪريون
جو هر مقدر کي منهن ڏئي سگهون،
۽ سدائين پيا لوچون ۽ لهون.
اچو تہ سدائين پورهيا ڪرڻ سکون.
اچو تہ اٿي کڙا ٿيون!

●●

# جيڪڏهن تون سمجهين ٿو تہ

نامعلوم

جيڪڏهن تون سمجهين ٿو
تہ تون هارائي ويو آهين
تہ پوءِ تون هارائي ويو آهين!
جيڪڏهن تون سمجهين ٿو
تہ تون خطرو نٿو کڻيو سگهين
تہ ڪونہ کڻي سگهندين.
جيڪڏهن تون کٽڻ چاهين ٿو
۽ سمجهين ٿو تہ ڪونہ کٽندس
تہ پوءِ گهٽو امڪان ان ڳالهہ جو آهي
تہ تون ڪونہ کٽي سگهندين
ڇو تہ توکي خبر پوندي
تہ هن دنيا ۾ ڪاميابيءَ جي شروعات
ماڻهوءَ جي مضبوط ارادي سان ٿيندي آهي.
سڀ ڳالهہ جو دارومدار
ذهن تي آهي.
ڪيترين ئي شرطون
هڪڙي وک جي ڊوڙ کان اڳ ۾ ئي
هارائجي وينديون آهن.
۽ ڪيترائي بزدل،
هٿ پير چورڻ کان اڳ ۾ ئي
ناڪام ٿي ويندا آهن

وڏا خيال ڏاريو ۽ توهان جا ڪارناما
وڏي وڏا ٿي ويندا،
ننڍڙي سوچ سوچيندا،
۽ توهان پوئتي رهجي ويندا.
سڄو دارومدار ماڻهوءَ جي ذهن تي آهي
مٿي ايرڻ لاءِ توهان کي
اوچو سوچڻو پوندو.
ڪنهن انعام ڪٽڻ کان اڳ ۾
توهان کي پنهنجي لياقت تي
مڪمل ڀروسو ڪرڻو آهي.
زندگيءَ جون لڙايون
سدائين رڳو اهي ماڻهو نہ ڪٽندا آهن
جيڪي وڏيڪ سگهارا يا وڏيڪ تيز هجن.
پس پيش جيڪو ماڻهو ڪٽندو آهي
سو اهو هوندو آهي جيڪو سوچيندو آهي
”آئون ڪٽي ويندس“.

••

# هڪڙي مرڪ

نامعلوم

هڪڙي مرڪ تي ڪوبہ خرچ نٿو اچي.
پر اها گهڻو ڪجهہ ڏئي ٿي
مرڪ مرڪڻ ۾ فقط هڪڙو لحظو لڳي ٿو،
پر عام طرح ان جي ياد،
هميشہ قائم رهندي آهي.
ڪوبہ اهڙو شاهوڪار ڪونهي
جنهن جو ڪم مرڪ کانسواءِ هلي سگهي.
ڪوبہ اهڙو غريب ڪونهي
جنهن کي مرڪ مالامال نہ ڪري ڇڏي.
جيڪي مرڪ جو تحفو ڏين ٿا،
تن کي غريب ڪرڻ کانسواءِ،
مرڪ انهن کي شاهوڪار بڻايو ڇڏي،
جن کي مرڪ جو تحفو ملي ٿو.
اها گهرن ۾ روشني پيدا ڪري ٿي،
ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ بهتري آڻي ٿي،
۽ مصيبت جو بهترين علاج آهي.
پر تنهن هوندي بہ
اها نہ پني وٺي سگهجي ٿي،
نہ اوڌاري وٺي سگهجي ٿي،
نہ چورائي سگهجي ٿي.
ڇو تہ جيستائين مرڪ پنهنجي مرضيءَ سان نہ ڏني وڃي،

تيستائين ان جي ڪابہ قيمت ڪانهي.
ڪي ماڻهو ايترا مصروف هوندا آهن،
جو توهان ڪي پنهنجي هڪڙي مرڪ بہ نٿا ڏيئي سگهن.
انهن ڪي پنهنجي هڪڙي مرڪ ڏيئي ڇڏيو!
ڇو تہ خدا ڄاڻي ٿو،
تہ جن ماڻهن وٽ ڏيڻ لاءِ،
هڪڙي بہ مرڪ بچيل ڪانهي،
تن کان وڌيڪ هڪڙي مرڪ جو گهرجائو
ٻيو ڪوبہ ڪونہ هوندو آهي.

●●

# پائرو! ساٿيو!

ليلیٰ (فلسطين)

پائرو!
سوچيوسين پئي تہ توهان کي چئون:
”توهان سان ناحق اسان عورتن ڪونہ ڪيو آهي!
توهان کي ۽ اسان کي،
پنهنجي پتيءَ جي خوشين ۽ ڪاميابين بدران، ڏک ۽ ناڪاميون
هن قورو ۽ ظالم سماج ڏنيون آهن.
ظالمن توهان جي ۽ اسان جي اندر ۾
ظلم جا ٻج پوکي ڇڏيا آهن،
اهي ٻج وڏي وڻ ٿي ويا آهن.
۽ توهان اسان کي ۽ اسين توهان کي،
سڄي عمر پيا ستايون!
سوچيوسين پئي تہ توهان کي دانهن ڪري چئون؛
پائرو! اسان کي اِئين پٽ تان اٿاري پيرن پر بيهاريو،
جيئن اسان ننيڙي هوندي توهان کي پٽ تان ڪٽي
وڪڙيون ڪٽڻ سيکاريون!“

سوچيوسين پئي تہ توهان کي ايلاز ڪريون:
”پائرو! جيئن اسان توهان جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ
توهان جو هٿ ونڊايو آهي.
تيئن توهان بہ اسان جو هٿ ونڊائي اسان جو بار هلڪو ڪريو!“

پر نہ!
هاڻ اسين توهان اڳيان دانهون ۽ فرياد نہ ڪنديونسين!
هاڻ اسين توهان کي منٿون ۽ ايلاز نہ ڪنديونسين!
هاڻ اسين توهان کان مطالبا ڪنديونسين!
ڇو تہ هاڻ توهان اسان جا رڳو ڀائر ناهيو!
پر وطن جي مظلوم عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾،
اسان جا سورهيہ ۽ سرويچ ساٿي آهيو!
ڀائرو! ساٿيو!
هاڻ اسان پنهنجي هڪڙي ڪلهي تي پنهنجو ٻار
۽ ٻئي تي بندوق کنئي آهي!
هاڻ اسان دشمن سان ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستورن سان
سمورا ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن!
هو جيڪي چاهي ٿو، سندس فائدي جا دستور جيڪي چون ٿا،
هاڻ اسين ان جي بلڪل ابتڙ ڪنديونسين!
ڀائرو! ساٿيو!
اسين مطالبو ٿيون ڪريون تہ توهان بہ ائين ڪريو!
توهان بہ نہ رڳو دشمن سان،
پرڪيس فائدو ڏيندڙ سمورن دستورن سان، سمورا ناتا ٽوڙي ڇڏيو!
۽ جيئن هو چاهي ٿو ۽ جيئن ڪيس فائدو ڏيندڙ دستور چون ٿا،
تيئن هرگز نہ ڪريو!
دشمن چاهي ٿو ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستور سيکارين ٿا،
تہ توهان ۽ اسان سدائين هڪٻئي جا ازلي ويري هجون!
۽ڪڏهن بہ هڪٻئي جا سچا هڏڏوکي ۽ ٻانهن ٻيلي نہ ٿي سگهون!
دشمن چاهي ٿو ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستور سيکارين ٿا،
تہ جڏهن هو توهان کي ڏک وهائي ڪڍي،
تڏهن ان ڏک جو خار توهان منجهائئن نہ،
پر اسان منجهان ڪڍو!
هيستائين ائين ئي ٿيندو آيو آهي جيئن دشمن چاهيو آهي!

پائرو! ساٿيو!
اسين مطالبو ٿيون ڪريون،
”اڄو تہ دشمن ۽ ڪيس فائدو ڏيندڙ دستورن سان
سمورا ناتا ٽوڙي قدم سان ملائي،
سمجهہ، سورهيائي، همت ۽ اورچائيءَ سان وطن جي
مظلوم عوام جي، سوپ، آزاديءَ، سک ۽ سرهائيءَ جي منزل،
ڏانهن وني ويندڙ رستو ڏيئي،
تيزيءَ سان اڳتي وڌون!“

●●

(سنڌيائي پبليڪيشن تان ورتل)

# پنھنجا ھٿ سلامت رکو

ناظم حڪمت (ترڪي)

ھيءَ دنيا،
ڏڪي جي سڱ تي بيٺل ڪانھي،
ھن دنيا کي،
توھان جا ھٿ ڪٽيو پيا ھلن.
اُھي ھٿ، جيڪي ڪنيير آھن، پٿرن وانگر
جيڪي اُداس ۽ غمگين آھن.
قيدخاني ۾ ڪايل راڪن وانگر.
ھا، ھن دنيا کي،
توھان جا پورھيت پيا ھلائين.
اُھي ھٿ جيڪي ڪاوڙيل آھن،
بکايل ٻارن جي چھرن جھڙا.
جيڪي ڪاريگر ۽ محنتي آھن،
ماکيءَ جي مکين جھڙا.
جيڪي وزندار آھن،
کير سان تمتار ماءُ جي ٻُبن جھڙا.
جيڪي بھادر آھن. فطرت جھڙا.
جيڪي پنھنجي ٻاجھاري نرمي،
گھريءَ کل ھينان لڪايو وينا آھن.
ھي دنيا، ڏڪي جي سڱ تي بيٺل ڪانھي،
توھان جا ھٿ ڪٽيو پيا ھلن، ھن دنيا کي.

۽ ماڻھو! ڙي ماڻھو!
توھان ڪي فاقا آھن،
توھان ڪي ماني ۽ ٻوڙ ڪپي،
۽ ھو توھان ڪي ڪوڙ پيا ڪارائين،
توھان ھن دنيا مان،
سواءِ ڪي ماڻ ۽ چوڙڻ جي خالي ھٿين ھليا وجو،
توھان ھڪڙو ڏينھن بہ فضيلت ساڻ،
ماني ڪائي ڊؤ ڪرڻ بنا:
ھن دنيا ۽ ان جي ميون سان ستيل وٽن ڪي،
ڇڏيو مريو وجو.
اي ماڻھو! منھنجا ماڻھو!
خاص ڪري، اي! ايشيا، آفريڪا،
وچ اوڀر جا ماڻھو!
منھنجي وطن (ترڪيءَ) جا ماڻھو!
توھان انسان ذات جي،
ستر سيڪڙي ڪان بہ وڌيڪ آھيو،
توھان اھڙا جھونا ۽ ويچار ۾ ٻڏل آھيو،
جھڙا توھان جا ھٿ.
تڏھن بہ توھان اھڙائي اٿتڻ،
جوش، جذبي ۽ جواني مان ڀريل آھيو،
جھڙا توھان جا ھٿ.
اي ماڻھو! منھنجا ماڻھو!
منھنجا يورپي، منھنجا آمريڪي،
توھان ڀھري تي سجاڳ آھيو،
توھان دلير آھيو،
پر توھان ڪي اھڙي ئي ويسر آھي -
جھڙي توھان جي ھٿن ڪي.
توھان جي ھٿن وانگر توھان بہ -

سولائيءَ سان ڊوڪو ڪايو وجو ٿا،
آسانيءَ سان ٺڳجيو وڃو.
اي ماڻهو! منهنجا ماڻهو!
اڄ جڏهن ريڊئي ۽ ٽيليويزن جا ـ
ايريل ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن ڀتين جا پوسٽر ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن اخبارن ۾ اشتهار ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن ڇاپڻ جو مشينون ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن سينيما جي پردي تي
ڇوڪرين جون اگهاڙيون رانون ـ
ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن دعائون ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن خواب ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن مائرن جون لوليون ـ
ڪوڙ ڳالهائين ٿيون،
جڏهن مئخاني جا راڳيندڙ ـ ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن چانڊوڪي ڪوڙ ڳالهائي ٿي،
جڏهن لفظ ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن آواز ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن رنگ ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن توهان جي پورهيي کي استعمال ڪندڙ ـ
سڀ ماڻهو ڪوڙ ڳالهائين ٿا،
جڏهن جڙ هرڪا شيءِ هرڪو ماڻهو ـ
ڪوڙ ڳالهائي ٿو،
تڏهن، فقط توهان جا سچار هٿ ئي سچ ڳالهائين ٿا.
متان توهان جا هٿ،
ڪنهن ڏينهن بغاوت ڪري وڃهن،
متان اهي هٿ ڪنهن ڏينهن ـ

ناٽي جي ڳوٺرين جي ظالم راڄ
جو تختو اونڌو ڪري رکن،
متان توهان جا هٿ ڪنهن ڏينهن،
هي دل ڏڪاريندڙ سهڻي دنيا،
ظالمن کان ڪسي وٺن.
انهيءَ ڊپ کان هو توهان جي هٿن کي،
جيڪي متيءَ جهڙو فرمانبردار،
اونداهيءَ جهڙو انڌو،
ريڊار جي ڪتي جهڙو بيوقوف
بنائڻ چاهين ٿا.
اي ماڻهو! پنهنجا هٿ سلامت رکو!
جو ته توهان جا هٿ . . .
توهان جي دلين سان ٻانهن ٻيلي آهن،
ته سگهوئي، ڪنهن ڏينهن،
هي سهڻي ۽ دل ڏڪاريندڙ دنيا،
توهان جي ٿي ويندي.

# منهنجو پيءُ

[ايراني انقلابي وطن دوست شهيد ساٿيءَ جي ياد ۾]

پنهنجي اوچي ڳاٽ سان،
پنهنجي بلند قد سان،
پنهنجي سموري ڪاوڙ سان اٿي بيٺو،
پنهنجي سموري وجود سان لڙيو.
هو چاهي ها ته،
قاتل جي خوشامد ڪري،
موت کان بچي وڃي ها.
هن ڪنڌ نه نمايو، وٽس سچائي جو پيغام هو.
قاتل کي اها خبر هئي
تنهن نامرديءَ سان کيس ماري ڇڏيو.
منهنجي پيءُ کي خبر هئي ته،
صبح ٿيندو،
اونداهي هلي ويندي،
قاتل مري ويندو.
منهنجو پيءُ،
مڙس ٿي بيٺو،
مڙس ٿي وڙهيو،
۽ مڙس ٿي مئو.
منهنجي پيءُ کي سوجهري تي ايمان هو،
نيڪين تي ايمان هو،

كيس يقين هو،
پنهنجي ماڻهن جي مظلوميت جو،
۽ قاتل جي بي رحميءَ جو.
منهنجا ادا! منهنجا ياءُ!
اسين تنهنجي سچائيءَ کي،
تنهنجي ايمان کي،
نمي سجدو ٿا ڪريون.
اسين تصور جي اکين سان،
ڏسون وينا،
تنهنجي سڳنڌ پري سونهن ۽ سچائي،
تنهنجو قاتل جي سامهون جلال.
ادا! تون ابد تائين جيئرو هوندين،
اسان جي دلين ۾.
ادا!
قسم آهي پنهنجي وطن جو،
قسم آهي اُنهن لڙڪن جو،
جي امان ۽ بابا،
تنهنجي سموري قوم،
تنهنجي ماتم ۾ ڳاڙيا،
تہ اسين سوين هزارين
تنهنجي واٽ تي،
تنهنجي جاءِ تي بيهنداسين.
اسان جي هزارين دلين جو هڪڙو ئي قول هوندو،
قاتل کي نيست نابود ڪرڻ جو قول،
قوم کي آزاد ڪرڻ جو قول.
اي قاتل! اي حاڪم!
اي ننهن کان چوٽيءَ تائين پليدي،
اي اوندھ!

اي ظلم!
اي پاڻهي پاڻ کي وڪٽنڊز بيهودا نامرد!
اسان جو هي ساٿ،
هي يڪوڙيل مُنيون،
هيءَ سموري ڪاوڙ، هيءَ سموري نفرت،
اهي ڏينهون ڏينهن وڌندا، ويجهندا ۽ رنگ لائيندا.

اسان جي مرضي آهي،
اسان جي سڄي قوم جي مرضي آهي،
تہ قاتل مري،
۽ تون مرندين!

# منهنجو ناٺو مري نٿو سگهي!

(بلوچي مرثيو)

سداملوڪ سيمڪ چوي ٿي:
”هو پريان، پريان،
ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل، بادلن جي وچ ۾،
ماران جي جبلن مان اُپريل اوچن بادلن جي وچ ۾،
اها پهاڙ جي برفائين چوٽي ناهي،
اها منهنجي ناٺي جي اڇي پڳ آهي!
اها چمڪندڙ شيءِ وڄ ناهي،
اها منهنجي ناٺي جي اگهاڙي تلوار آهي،
اهي جيڪي رنگ ڏسو ٿا،
اهي اندلٺ جا ست رنگ آهن.
اهي منهنجي ناٺي جي ارڏي گهوڙي جي
رنگبرنگي لغام جا ست رنگ آهن.
اهو اٿو اڇي پڳ ۽ اگهاڙي تلوار سان منهنجو ناٺو!
اهو پريان، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيلن بادلن جي وچ ۾!
او اهو! ماران جي جبلن مان اپريل اوچن بادلن جي وچ ۾.
بادلو وسو! وسي وري بيهي رهو!
تہ آءٌ پنهنجي سداسهٽي سورهيہ ناٺي جو ديدار ڪري وٺان!“
”ڪاراڪر!پلا اوهين ڪنهن جي اجايل دل مان ڦُٽي نڪتا آهيو؟
ڪنهن جي شڪرگذاريءَ وچان پيا وسو ۽ مون کي پچايو؟“

”اسين تہ سداملوڪ سيمڪ جي تپندڙ دل مان ڦٽي نڪتا آهيون،
اسين لُڇندڙ پُڇندڙ سيمڪ جي هميشہ
روئندڙ اکين جا سدا لڙندڙ لُڙڪ آهيون.
اسان ڏٺي آهي اها اجڙيل عورت،
جا تباھ ٿي ويل آهي ناٽي جي وڇوڙي ۾،
جيڪا رک جو ڍير ٿي ويئي آهي هن جي ياد ۾!“
”منهنجو ناٽو منهنجو ڪوپو ڪونڌر ناٽو، مري نٿو سگهي!
هو اجا وڙهي پيو، قوم لاءِ، وطن لاءِ، آزاديءَ لاءِ!
هو اجا جيئرو آهي!
آءٌ جا جيئري آهيان، سو ناٽي ڪي بہ موت ماري نٿو سگهي،
ها، موت ناٽي کي ماري نٿو سگهي،
هو نيون سوڪڙيون، نوان ويس وڳا وني ايندو!
هڪڙي ڏينهن ايندو، ضرور ايندو
منهنجو سداسهڻو، سورهيہ ناٽو!“

# لولي ڏيان پنھنجي لال کي

(بلوچي لوڪ گيت)

لولي ڏيان پنھنجي لال کي،
پنھنجي لال کي لولي ڏيان
منھنجا پيارا، منھنجي دل جا سھارا
منھنجا چنڊ، منھنجا لال!
جيڪڏھن تون، جنگ ۾ شھيد بہ ٿي وئين،
تہ آءٌ تنھنجي مرڻ تي پار ڪانہ ڪڍنديس
آءٌ ڪنوار وانگر سينگار ڪري،
تنھنجي شاديءَ جا ڳيچ ڳائينديس،
۽ وري تو جھڙو ٻيو ڪونڌر پٽ ڄڻينديس.
لولي ڏيان پنھنجي لال کي،
پنھنجي لال کي لولي ڏيان.

# رانجھن جو نالو

امرتا پريتم (پارت)

رانجهن ڙي تنهنجو نالو، پهرين مولويءَ ورتو،
جنهن تنهنجي ڪن ۾ بانگ ڏئي نالو رکيو.
پوءِ رانجهن، رانجهن ڪندي رهي تنهنجي پاڳ پري ماءُ،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو،
امڙ ورتو، ابي ورتو، پوءِ پائرن ورتو،
پيڻ ورتو، پاپين ورتو، سڄي ڳوٺ ورتو،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو.
ڪنهنکي بہ ڪو ڏوھ نتو ڏئي،
ڪوبہ ڪنهن کي منع نتو ڪري.
پر تڏهن گناھ چو ٿو بنجي ڙي رانجهن،
جڏهن آءٌ هير تتي، وات سان وٺان ٿي
رانجهن ڙي تنهنجو نالو.

ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو
چا تي پيو جي مولويءَ ورتو،
پلي ماڻس بہ وٺي تہ سندس بابو بہ وٺي
پائر بہ وٺنس ۽ پاجايون بہ وٺنس
پلي ڪٽي سڄو ڳوٺ وٺي

پر ائي هير! جي تون هڪڙي نہ وٺين ها
تہ اڄ ڪير وٺي ها سندس نالو؟
صدين ڪانپوءِ اڄ بہ ڇوڪريون
پنهنجي پنهنجي سڄڻ جو رکن ٿيون رانجهن نالو
ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو.

●●

# سمهي رهو مُنهنجا ٻارو

سروجني ديوي (بنگال)

سمهي رهو منهنجا ٻارو
سمهي رهو منهنجا ٻارو
صبح تائين سلامتيءَ سان ستا پيا هجو.
چو تہ اسان جو اوجاڳو ڏکھو آهي.
جيتري دير اوهين ستا پيا هوندا،
اسين ٻني پوکينداسين،
اسين خواب پيا پوکيون،
اميدن، ڏکن ۽ ڳوڙهن سان ڀريل خواب،
تہ جيئن اوهين جڏهن جاڳو
تڏهن اتي فصل لُٽي سگهو.
ٻارو!
پرهہ ڦٽي آهي، رات گذري ويئي آهي.
اسان جا پورهيا، پورا ٿيا،
اسان جون ٻنيون سرسبز ٿي ويون آهن.

اسان جا هٿ ڪمزور ۽ هڏ هيڻا هئا،
پر اسان ٻاٽ اونداهي رات ۾،
توهان جي اينڊڙ شان شوڪت جا خواب ڏٺا،
توهان جي ٻجن کي ڳوڙهن جو ريج ڏنوسون
اسان جو اوجاڳو ختم ٿي ويو.

جاڳو ٻارو!
اسان توهان لاءِ خوابن جو جيڪو فصل پوکيو آهي،
ان لاءِ اسانکي شاباس ڏيندؤ
يا ان تي افسوس ڪندؤ؟
اسان کي ڏوهي ٺهرائيندؤ
يا اسان کي معاف ڪري ڇڏيندؤ؟

●●

# غريبن جو شاعر

(پشتو نظم)

آءٌ ستارن، ڦُلن ۽ بهارن جو شاعر نہ آهيان
پر آءٌ بي پچتن ۽ غريبن جو شاعر آهيان.
منهنجا شعر اندلث جي وٽندڙ چتساليءَ، مرڪ جي تڏاڻ
۽ بلبل جي آلاپن کان وئڻون آهن.
منهنجا شعر، ڳاڙهين چٽنگن جا مچ آهن
مون شراب جا پيالا ڀڃي، رباب ٽوڙي، ويس مٽايا آهن.
منهنجي شعر ۾ ڪهاڙين ۽ تراڙين جي ڏاچ آهي.
آءٌ انگ اگهاڙن ۽ لنگهڻن انسانن جو اظهار آهيان،
آءٌ ان اُپائيندڙ ماريل هارين جي زبان ٻٽبس.
آءٌ خيبر جي وڏائيءَ کي جيئرو رکندس.
مون گهٽا ويس مٽايا آهن ۽ منهنجو هيءُ ويس اڻ مٽ آهي.

# پشتو ٽپا

❋

جي جوانن کان اهو ڪم نہ ٿيو تہ اي پيارا وطن
تنهنجي حفاظت تنهنجي سرزمين جون ڪنواريون
ڇوڪريون ڪنديون.

❋

اي ڪتاب! تڪڙو تڪڙو ختم ٿي.
مون پويان وطن ۾ بيمار
ڇڏيا آهن.

❋

ڇوڪري باغ جي صوف جهڙي ٿي وئي آهي
باغائي ڪيس جوَن جي مڻ تي پيو وڪڻي.

❋

جڏهن منهنجو محبوب مونسان گڏ هوندو آهي
تڏهن دهليءَ جي تخت تي منهنجي اک بہ ڪانہ ٻڏندي آهي.

❋

منهنجو محبوب تلوارن جي چمڪات ۾ به
منهنجي ٻانهن مضبوطيءَ سان پڪڙيو بيٺو هو.

تون بهادري نہ ڪندين تہ ٻيو ڇا ڪندين؟
تو پختون ماءُ جو کير پيتو آهي.

اي محبوب تون تلوار سان ٽڪر ٽڪر ٿي پلي اچ
پرخدا ڪري تنهنجي بزدليءَ جي خبرمنهنجي ڪنن تائين نہ پهچي.
اي محبوب تنهنجي گولين سان پرڻ ٿيل قميص جي ڪري
منهنجو ڳاٽ سهيلين ۾ اوچو آهي ـ

آءُ پنهنجي سيني جو تخت توکي انعام ڏيندس
جو تو قوم جي غدار جي رت سان پنهنجا هٿ رنڱيا آهن ـ

آءُ جوان ڇوڪرين جي سردار ٿي وئي آهيان
جو منهنجي محبوب سيني کان اڳ وڏي مورچو سنڀاليو آهي ـ

اهو جوان پلا بهادري چو نہ ڏيکاريندو ـ
مورچي جي اڌ پنڌ تائين آءٌ ساڻس گڏجي ويندي آهيان ـ

رڻ تي تہ محبوب کي کٽ تي کڻيو پيا اچن ـ
منهنجي دل ٻڌڻ لڳي تہ متان پٺ ۾ ڌڪ لڳل تہ کونهيس ـ

اي بزدل! مسجد جي غسل خاني مان نڪر ـ
قبرستانن کيترن بهادر نوجوانن کي ڳڙکائي ڇڏيو
۽ تون لڪڻ جون جايون پيو ڳولهين ـ

منهنجي ٽڪر ٽڪر ٿيل لاش کي منهنجي ماءُ جي اڳيان رکو
تہ پاڙي جون ڪنواريون ڇوڪريون ڪيس
(منهنجي سورهيائيءَ جون) مبارڪون ڏيڻ اچن ـ

منهنجي دل ۾ تنهنجي محبت ائين لاڳيتو پئي وڌي ـ
جيئن پلي زمين جو فصل وڌندو ويندو آهي ـ

عشق جي ڳٽتين وڏا وڏا پهاڙ ڏاهي وڌا ـ
شاباس آهي مونکي جو پنهنجي پيرن تي بيٺي آهيان ـ

اي قاصد! چئينس وڃي تہ آءٌ ان سان ويندس جنهن ۾
دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت هجي ـ

اي قلم! آءٌ تنهنجي زبان تان قربان وڃان،
جنهن منهنجو رُنل يار پرچايو آهي ـ

ان ڪري تو ڏانهن اکيون نٿي کڻان ـ
جو منهنجي دل
۾ تنهنجي محبت جو چور وينو آهي ـ

جي عاشقي هجي ها ۽ جدائي نہ هجي ها
تہ اي خدايا! تو وٽ ڪهڙي ڪوت ٿئي ها ـ

جنهن وڇوڙي جي باهه ڏٺي آهي تنهن کي دوزخ
جي باهه به ٿڌي لڳندي ـ

منهنجي پيرن ۾ وڇوڙي جون بيڙيون پيون آهن
۽ آهستي آهستي پير ڪٽندي اميد جي واٽ تي رواني پئي ٿيان ـ

محبوب! ڪوهه تي توکي ڪهڙي بلا ٿي چنبڙي
جو تنهنجو ننڍو ياءُ پهريدار وانگر توسان گڏ ٿو هلي.

اڄ ته غم ۾ هڪبئي سان يائيوار ٿيون ـ
رُڳو مون اڪيليءَ کي ٿاندن تي نه ساڙ ـ

جتي به ڪي به محبت ڪرڻ وارا بينا هوندا آهن،
اُهي سمجهندا آهن ته بيا دنيا وارا سپ انڌا آهن ـ

مونتي هونئن ئي،
تنهنجي تهمت لڳل آهي ۔
پنهنجي پڳ ڏينم
تہ اها پائي،
سڄي ڳوٺ ۾ قران،
پلي سپ ڏسن.

تون جو اجا تائين،
پنهنجي ماءُ جي چوڻ ۾ آهين،
اهو تہ ٻڌاءِ؟
تہ آءٌ پلا هيءَ ڪاري چوٽي،
ڪنهنجي لاءِ پئي اچي ڪريان.

منا!
اکين سان ڳالهاءِ،
گليون ۽ گهٽيون،
چغلخورن سان پريون پيون آهن ۔

ڪنهن کي ٻه منهنجي حال جي خبر نہ پئي
آءٌ اها ڪاٺي آهيان
جيڪا ٻجي ڪوئلو ٿئي
۽ پوءِ!
ان ڪوئلي کي وري،
باھ ۾ وڌو وڃي.

وڃان اڳتي پيئي،
نهاريان پوئتي پيئي،
نيڪ انسانو،
پنيان منهنجي دل رهجي وئي آهي -

ڏيئو ڇو وسائي ڇڏيئي؟
تيل ڪٽي آءٌ پنهنجي گهران،
آٽيان ها.

ٽوپيءَ تي جيڪر پرت پري ڏيانءِ
پر ماءُ جا اڪيلا پٽ!
ڊڄان ٿي
متان نظر نہ لڳي وڃنئي -

ملان جا تعويذ!
مزا تہ سپ تو ورتا،
منهنجي سهڻي جي سيني تي ليٽيو پيو آهين،
۽ خوبصورت گل پيو سونگهين!

ننڍا ملان!
بانگ ٿوري دير سان ڏجان
آءٌ محبوب جي پاسي ۾،
اڃان اڃهو هينئر پهتي آهيان.

ڪُتي! مونتي نہ ڀونڪ!
تنهنجي مالڪياڻيءَ جو گهرايل مهمان آهيان ـ

تنهنجي وصال جو،
اثر اهڙو آهي
جو ڪٺ سان لڳل بيمار بہ،
اٿيو ويهيو رهن ٿا.

مدرسي جا طالب،
تون ڪھڙو ملان ٿيندين؟
ڪتاب ڪليو پيو آھي
۽ تون محبوب جا ترِ پيو ياد ڪرين ـ

❋

اڄ تہ ھڪبئي جو ھٿ پڪڙيون،
باقي قصا پاٺھي
ڳوٺ جا اڇين ڏاڙھين وارا نبيريندا ـ

❋

فقير تي مون وٽ اڄ،
فقيرن جون واٽون
ڀلا ڪنھن روڪيون آھن ـ

❋

اي بزدل،
شال انڌو ٿين!
مون ڏانھن نھاريندين
تہ ڪو تنھنجي سسي تہ ڪونہ پٽي ونندو!

❋

جيل جي ڪڙڪيءَ وٽ اچ،
منهنجو روح مونکان وني ڇڏ،
مونکي ڦاسيءَ تي ٽا چاڙهين.

جيڪڏهن روئڻ سان،
محبوب واپس اچي سگهي ها،
تہ آءٌ سڪل گاهہ کي
پنهنجي لڙڪن جو پاڻي ڏئي،
سرسبز ڪري ڇڏيان ها.

ڪو تہ ڪنهن جي ديدار لاءِ،
انڌو هوندو آهي،
ءَ ڪو ان کي ائين چئي،
ڪٽ تان لاهي ڇڏيندو آهي تہ،
”مونکي ننڊ ٿي اچي“

آءٌ تنهنجي افلاطوني حڪمت کي،
ڇا ڪريان،
جيڪڏهن تون منهنجي دل جي درد کي،
اجان تائين نہ سمجهي سگهيو آهين.

اکيون تہ اٹئي،
کنهن کڍي تہ کونہ چڏيون اٹئي،
جڏهن تنهنجي پاڙي ۾ وڏي پئي ٽيس
تڏهن مونکي چو نہ ٽي ڏنئي -

منهنجو محبوب،
جنگ مان اٽي ڀڳو،
پوئين رات ڏنل چميءَ تي،
پڇتاپان پيئي -

الله تنهنجي ماءُ جي عمر وڏي کري
جنهن منهنجي لاءِ تو جهڙو خوبصورت گل پاليو -

خدا کري،
جيل تي وچ کِري،
جيکو خوبصورت جوانن کي،
بدصورت بنايو ڇڏي.

اي قران،
منهنجي پنيان متان پوين،
آءٌ تہ رکو پنهنجي محبوب جي کري،
تو متان هٿ پئي رکان ۔

جي کو پاڙهي عاشق نٿو ٿئي،
تنهن کي الله سائين،
کنهن ملان جي تعويذ جي کري
مون تي عاشق متان کرين ۔

درگاهن جي زيارتن مان بہ،
مرادون پوريون نٿيون ٿين،
الله سائين!
انهن پٿر جي درگاهن کي ويران کري ڇڏ.

# ياد رک

توئي دين (ويٽنام)

ياد رک تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن.
امتحان پاس ڪري وطن جي ويرين وٽ ڪرسي ماڻڻ
تنهن کان وڏي بي حيائي ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي
قسمت نصيب سنوارڻ لاءِ وقف ڪر!
پنهنجي حياتيءَ جي پل پل سان، قوم جي تاريخ ۾
سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر!

●●

# سدابهار ڳل

وو ڪائو (ويٽنام)

سيڪجهه ساڳيو آهي،
شاهه بلوط جا وڻ، جبل جا ڪَرَ -
سجاتل غمگين ٽڪريون،
سيڪجهه ساڳيو آهي،
پر آئون اڪيلو بينو آهيان.
پاسي جي ننڍڙي شهر وارا چون پيا
”هيءَ وڃڻ جي وهي ڪانه هيس،
سالن جا سال،
پنهنجي وطن لاءِ لڙندي رهي،
شاديءَ جون سڀ آڇون موٽائي ڇڏيائين“
دشمن هتان لنگهيو،
رستو متجي ويو آهي،
متس گاهه موريو بينو آهي.
گهر تباهه ٿي ويا،
اڱڻ گندي پاڻيءَ جا ڍُبا بنجي ويا آهن،
بوٽن ۾ چمڙا پيا آواز ڪن.
وطن جي بين سرويچن سان گڏ،
سارين جي بنيءَ ۾،
اچن پٽرن جي هيٺان
تون هميشهه لاءِ ستي پيئي آهين،

منهنجي ٽوپيءَ ۾ لڳل،
وطن جي سپاهيءَ وارو ستارو
چمڪي پيو ۽
مونکي گس ڏيکاري پيو.
اهو گس،
ساٿياڻي!
جنهن تي هلندي،
تون امر ۽ سدابهار گل بنجي ويئي آهين.

●●

# ٽيھہ هزار ڪتاب پڙهيا تہ چا ٿي پيو

### تران گوئن دان (ويٽنام)

[تران گوئن دان اڄ ڪان ڇھ صديون اڳ ويٽنام جو وڏو عالمہ دانشور ۽ مدبر ٿي گذريو آهي. 1362 ع ۾ ويٽنام ۾ وڏو ڏڪار پيوہ ان وقت هي ويٽنام جو وڏو وزير هوہ ان ڏڪار لاءِ هن پاڻ تي ملامت ڪندي هي نظم چئي.]

ڪئين ساوڻ بنا برسات جي گُذري ويا،
سرءُ جي ڪيترين موسمن ۾، اڻ منڊائتا مينهن بند نہ ٿيا،
سارين جا ٻج سُڪي، سڙي ويا،
فصل نہ ٿيا،
ماڻهو ڏاڍا ڏکيا ٿيا!
ٽيھہ هزار ڪتاب پڙهيا تہ چا ٿي پيو!
(حيف آهي هن حياتيءَ تي جو)
وار اڇا ٿي ويا،
پر ماڻهو اڃان تائين،
پنهنجي ماڻهن جو پرجهلو
۽ سندن پروسي جوڳو،
بنجي نہ سگهيو!
ٽيھہ هزار ڪتاب پڙهيا تہ چا ٿي پيو!

●●

# آئون پنهنجي پرينءَ جو انتظار پئي ڪريان

ڪوئونگ هوئو دنگ (ويٽنام)

آئون بهار ۾،
پنهنجي پرينءَ جو انتظار پئي ڪريان.
هو اڃا نہ آيو آهي.
ڳُڙو ڪونجون موٽي آيون آهن،
۽ آلوبخارن جون مکڙيون،
هوا ۾ ناچ پيون ڪن،
منهنجي هٿ گلڙن جي ٽارين ڪي نوائي جهليو آهي.
هاڻ بهار مون وٽ قابو آهي.
بهار ترسندو،
ڇو تہ منهنجو پرين پنهنجي وطن جي ڪم سان،
پري ويل آهي،
اسانجو بهار ضرور ترسندو.
منهنجا پرين
تِڙِڻ لاءِ آتي، بهار جي مکڙي،
تيسين انتظار ڪندي،
جيسين تون موٽي اچين.

# گذريل قربائتا ۽ سهٽا ڏينهن

قان هو (ويٽنام)

مون متس فائر ڪيو
گذريل قربائتا ۽ سهٽا ڏينهن
منهنجو هٿ روڪي نہ سگهيا.
قربائتا ۽ سهٽا ڏينهن
جيڪي هن وساري ڇڏيا
پر مون کي ياد آهن.
اسان جي ڳوٺ جون ٻنيون،
سارين جو اٿاهہ سمنڊ،
پرهہ جي ماڪ، رستي جي ٻنهي پاسي،
اڇا اڇا موتي،
اسڪول جا ڪتاب هٿن ۾،
مروٽيل ڪپڙا، اگهاڙا پير،
اسان جي مائرن جا رڏل،
وڻن ۾ وڏن پنن ۾ ويڙهيل،
پت جا سُڪل ٽيرا هٿن ۾،
اجاين وڏن ڏاڳن واريون،
ٽڪنديون ٽوپيون متن تي،
کيسن ۾ ماچيس،
ماچيس ۾ پوپٽن جا پرڙا،
وڪ وڪ سان ملايو،

ٻانھون ھٽندا،
اِھي پيا وجون . . . . .
ڪيڏا نہ سھڻا ڪيڏا نہ پيارا ھئا،
اُھي گذريل ڏينھن!
پر انھن ڏينھن جي ڪابہ سياڻپ، ڪانہ ھئي.
اسان لاءِ،
ھُن ٻوٽ چڙھي،
ڪيترا سال اڳ،
وجي وطن جي ويرين
جي پٺ ورتي
ڏک ۽ ڪاوڙ کي روڪي،
ڪيس موٽائڻ لاءِ حيلا ھلايم،
ھن اجا بہ وڏيڪ ڏوھ ڪيا،
مون مٿس فائر ڪيو
گذريل قربائتا ۽ سھڻا ڏينھن
منھنجو ھٿ روڪي نہ سگھيا.
سندس لاش بند تي پيو ھو -
سندس منھن ۾ نھاريم،
ھو اڳيون نہ ھو،
۽ ان چوڪر تي افسوس ڪيم،
جيڪو گھڻا گھڻا قربائتا ۽ سھڻا ڏينھن
اڳي منھنجو سنگتي ھو.

●●

# ”رات آئون سرحد ٽپي آيس!“

ٿان هائي (ويٽنام)

[ويٽنام جي دشمنن ويٽنام کي وچان ڪاٽي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. اترين اڌ آزاد هو. ڏکڻ واري اڌ ۾ جدوجهد جاري هئي. ڏکڻ جا مانجهي مرد لڪ ڇپ ۾ سرحد ٽپي وطن جي اترئين آزاد حصي ۾ وڃي فوجي تربيت وٺندا هئا. پويان سندس مائٽن ۽ ٻچن ٻارن کي دشمن عذاب ڏيندو هو. سندس زالن کي مجبور ڪيو ويندو هو ته هو ٻيا مڙس ڪن. اهي زالون پنيان ڏکڻ ۾ سالن جا سال دشمن جا سور سهنديون رهيون، گهر ۽ ٻني سنڀالينديون رهيون، جدوجهد ڪنديون رهيون ۽ پنهنجي پرينءَ جو اوسيئڙو ڪنديون رهيون. هيءَ نظم اهڙي هڪ مجاهد ويٽنامياڻي جي آهي جنهن جو مڙس اتر ويل آهي.]

توسان اتر ۾ اچي ملڻ لاءِ
رات آئون سرحد ٽپي آيس!
تولاءِ سڪندي سال ٿي ويا هئا،
مينهن واچ ڪندي، اُڏامندي آيس.
سارين جي سهڻين ساين ٻنين مان ڊوڙندي
آئون نيٺ تنهنجي شهر اچي پهتس.
توکي شهر جي گهٽين ۾ پئي ڳوليم،
ته پري ڪان ڪو ماڻهو نظر چڙهيو،
ساڳيو جهڙو تون، جاني!
رڙ ڪري چيم ”جاني بيهه!“
”آئون اچي ويئي آهيان!“

تون بيهي رهئين:
منهنجي صورت پري کان سڃاڻي وئين.
مونکي خبر آهي ته سون هزارن

زالن جي وچان ٻہ،
تون مونکي پريان ئي سڃاڻي ورتين ها.
۽ تنهنجي ٻانهن جي هنج ۾،
مون دانهن ڪري چيو
”سڄا سارا پنج سال گذري ويا!“
تو مونکي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي ورتو؛
پاڻ کي ڪيترين نہ ڳالهيون ڪرڻيون هيون!
تو مون کان ٻنين جون خبرون پڇيون
ڳوٺ راڄ جون ڳالهيون پڇيون،
الا! اهي سال ڪهڙا نہ ڏکيا گذريا هئا،
آئون توکي پنهنجا ڪهڙا سور ٻڌائي ڪهڙا ٻڌايان ها!

تان جو تو منهنجي گول گول ٻانهن
جنهن تي تون مٿو رکي سمهندو هئين،
تنهن کي ڇهيو ۽ دانهن ڪري پڇيو،
”تنهنجي گوشت ۾ هي زخم ڇا جو آهي؟“
”هي گهرو گهاءُ توکي ڪنهن ڏنو؟“
مون وراڻيو،
”هي سڀ سال مون تنهنجو اوسيئڙو ڪيو،
آءٌ دشمنن سان ملي ڪانہ ويئي آهيان،
مون ٻيو مڙس ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو،
مون توسان نينهن جو ناتو ٽوڙڻ کان انڪار ڪيو،
تنهنڪري دشمن منهنجي پنيان پئجي ويا،
نيٺ مونکي جهلي قيد ڪري اهي گهاوَ ڏنائون . . . . .“
منهنجي نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪجھ اٽڪي پيو.
منهنجي نيڻن مان نار وهي اٿي هليا،
مون پنهنجو منهن تنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ غصو ٿهڪڻ لڳو . . . . .

پوءِ الائي ڪهڙي پاسي کان ڪڪڙ بانگ ڏني.
آءٌ ڇرڪ ڀري جاڳي پيس،
جيڪي خواب ۾ ڏٺم سو وري ياد آيم
۽ دل مان درد جي دانهن نڪري ويم!
منهنجا پرين! خبر اٿئي،
وطن جي رت ٻڏل، شهيد ٿيل ڏکڻ کان،
هر رات، منهنجي دل،
سرحد ٽپي توسان ملڻ ايندي آهي.

●●

# فرمانبردار ڍڳو

لوهسون (چين)

هزارين آڱريون مون تي ملامت لاءِ متي کڃي ويون آهن،
۽ منهن ۾ شور وجهي، متن هڪ حقارت ڀريل نظر اڇلائي؛
بي پرواهيءَ سان پنهنجي راهه رمندو وڃان.
وات ۾، ننڍڙا معصوم، مظلوم ٻارڙا،
پنهنجا پتڪڙا ڳلن جهڙا هٿ کڻي،
مون کي سڏي چون ٿا:
”لوهسون شاعر!
اسان کي خوشيون نٿيون ملن!
تون هن ڏک جي ٻنيءَ کي،
پورهئي جي هر سان کيڙي،
اسان کي خوشين جا گل پوکي ڏيندين؟“
۽ هڪ فرمانبردار ڍڳي وانگر،
پنهنجو ڪنڌ نمائي،
پورهئي جي پاجاريءَ ۾ ڪٽيو وڃان.
۽ دل ئي دل ۾ چوان ٿو:
”منڙا ٻارڙا! توهان جي خوشين جا گل ڪيئن نہ ٽڙندا!
۽ توهان جو شاعر تڏهن ڇا جي لاءِ آهيان؟
توهان جي خوشين جا گل ضرور ٽڙندا!“

••

# جاپاني شاعري

⌘

ان کان پلي مري وڃي،
جنهن کي دل ۾ جاءِ ڏني اٿم سا،
جو ته جيئري آهي ته به،
کير ڪونه ٿو چوي ته ”اُها تنهنجي ٿيندي.“

❋

جڏهن ائين چوڻ لاءِ ته،
”جي مون لاءِ مرين ٿو ته پلي مري وڃ!“
هؤ ظالم ڇوڪري روز،
منهنجي بنهه دروازي جي اڳيان اچيو لنگهي.

❋

سندس ماءُ ڪيس گهر ۾ ائين لڪايو ويٺي آهي،
جيئن ريشم جا اهي پٽ ڪينئان، جيڪي هو پاليندي آهي.
ڪاش! ڪو اهڙو رستو هجي ها جو ڪيس رڳو ڏسي سگهان ها.

❋

”جيڪڏهن آسمان ۾ گوڙ ٿئي
آسمان تي ڪڪر ڇائنجي وڃن،
مينهن جون ڦُڙيون پوڻ لڳن،
تہ پوءِ تون مون وٽ ترسي پوندينءَ؟“

”يلي ڪڏي گجگوڙ نہ ٿئي،
۽ مينهن جي ڦُڙي بہ نہ پوي،
جي تون رڳو وات سان چوين تہ ’ترسي پئو‘!
تہ جيڪر آئون تو وٽ ترسي پوان.“

منهنجا پيارا مون وٽ اچ!
بانس جي درين مان گهڙي اچ!
امان پڇندي ”ڪير آهي!“
تہ چوندي سانس تہ، ”ڪجھ ڪونهي هوا جو جهوٽو آهي.“

جڏهن نڙ کي هٿ لايان ٿو،
تہ ان مان سُڏڪا نڪرن ٿا،
ائين تہ ڪونهي تہ ان جي پورن ۾،
منهنجي زال جو روح لڪو وينو آهي؟

کيڏو نہ خوش نصيب آهي اُهو،
جنهن جا کارا وار تہ اڇا ٿي وڃن تہ بہ،
پنهنجي زال جو نرم آواز ٻڌي سگهي ٿو.

ٿي سگهي ٿو تہ تون مونکي پسند نہ کندو هجين،
پر ڇا تون اهو نارنگيءَ جو وڻ بہ ڏسڻ کونہ ايندين،
جنهن منهنجي اڱڻ ۾ تازو ٻُور جهليو آهي؟

پيرن جون چيريون، ٻانهن جون ٻانهيون ڇٽڪائي،
تولاءِ چرخو پيئي کتيان،
خدا کري عيد تائين تنهنجي قميص تيار ٿي وڃي.

صبح جي مهل پنهنجي وارن کي ڦٽي کانہ ڏينديس،
رات انهن وارن هينان تنهنجي ٻانهن،
وهاٽي وانگر رکيل هئي.

هوءَ ان ڏونهين جهڙي ڪاري آهي،
جيڪو انهن کانئين مان نڪرندو آهي،
جن کي نانيوا قبيلي جا ماڻهو باھ ڏيئي ساڙيندا آهن،
پر تہ بہ منهنجي زال منهنجي لاءِ سدابهار گل آهي.

جيڪا نِنڍڙي بيڙي گهاٽي گاھ وچان ترندي،
ڊنڊ جي ٻئي پاسي پهچڻ چاهيندي،
تنهنجي واٽ ۾ رڪاوٽون، تمام گهڻيون هونديون آهن.

جيتوڻيڪ، مون سان ائين جنيون ڪن ٿا،
جيئن ان گهوڙي سان ڪندا آهن،
جيڪو ديوار جي ٻئي پاسي پرائي باغ ۾، منهن هڻندو آهي،
تہ بہ متان ائين سمجهين تہ ڪو،
توسان ملڻ کان هٿ ڪڍي ويندس!
نہ، هرگز نہ،
سويل يا ٿورو دير سان، جاڻ پهتس.

جنهن کي آئون آسمان جو چنڊ ۽ سج سمجهان ٿي،
تنهن جي متان ٻڌاپڻ کي چوريءَ چوريءَ، چانئجندو ڏسي،
منهنجي دل ڪيڏو نہ اداس ٿي وڃي ٿي.

هن ذليل جهوپڙيءَ ۾،
جيڪا فقط ان لائق آهي ته،
ان کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏجي،
اهڙي گندي ۽ قاتل بستري جي مٿان،
جنهن کي ماڻهو جيڪر،
گند جي ڍير تي اڇلائي ڇڏي،
هو ستو پيو آهي،
سندس ٻانهون دنيا جي اهڙين نيچ کان نيچ،
ٻانهن سان وڪوڙيل آهن،
جن کي ماڻهو جيڪر سٽ ڏيئي،
ڇڪي ڪڍي، گندي موريءَ ۾ اڇلائي ڇڏي.
پر اونداهي کان اونداهي رات جي هر گهڙيءَ ۾،
آئون هن جي لاءِ، ايترو روئندي ۽ ٻاڪاريندي آهيان،
جو جنهن کٽ تي ستي پئي هوندي آهيان،
اها به دانهون ڪرڻ لڳندي آهي."

❋

’ميوڪي جي ميدان مان پيرن اگهاڙو، پنڌ ڪندو،
اونهاري جي ڏکي گاهه کي چيريندو،
تون کهڙي قسم جي ڇوڪريءَ سان ملڻ ويندو آهين،
منهنجا پٽ؟؟‘
”پر امان! تون ته ڪيس سڃاڻين ئي ڪونه!
پر تو ته سندس پيءُ به ڪونه ڏٺو آهي،
امان! سندس وار اهڙا ڪارا آهن
جهڙا ڪارا ڪارا پونر!

امان! توکي خبر ئي ڪانهي تہ هوءَ وارن ۾
ڦڙ ڦڙ ڪنڊڙ ربن ڪيئن تي هٽي،
تو ڏٺو ئي ڪونهي تہ ياماتو جي نفيس ڪاٺ مان ٺهيل
خوبصورت ڦٽي سندس وارن ۾ کهڙي سونهي ٿي!
اونهاري جي ڊگهي گاهہ کي چيريندو،
ميوڪي جي ميدان جي وچان پيرين اگهاڙو پنڌ هلندو،
توکان ۽ بابا کان لڪي،
امان! آءٌ ان سداملوڪ ڇوڪريءَ سان ملڻ ويندو آهيان.“

# ”توڪي موڪليم“

(جپاني نظم)

هڪڙي محبوبہ پنهنجي محبوب ڪي لکي ٿي
پرين!
بهار جو پهريون گل ٽڙيو
تہ ان جي ڳنل خوشبو
ڳاڙهي ليار جي پنن ۾ لڪائي
هڪڙي ننڍڙي پيڙيءَ ۾ رکي
توکي موڪليم.
جڏهن اونهاري جي مند جو پهريون پکي
بانسن جي ٻيلي مان ٻاهر نڪتو
تہ ان جي نيرن سليٽي پرن تي
پنهنجي چپڙن جي ماکي سجائي
توکي موڪليم.
پن چڙ جو اداس تارو
جڏهن پهرين شام جو چمڪيو هو،
تڏهن پنهنجين آلين اکين ۾ رکي
توکي موڪليم.
سياري جي ٻنپهرن جو جڏهن
سج چت جي ول مٿان رکيو
تڏهن پنهنجي بدن جي سموري گرمائش
سج جي پيالي ۾ رکي
توکي موڪليم.

## شهزادو ”يوهار“

”چنڊ ديوتا جي روشنيءَ ۾،
منهنجي پياري! مون وٽ هلي اچ.
اسانجي وچ ۾ جبلن جي ڪابہ ديوار ڪانهي،
۽ پنڌ بہ ايترو گهڻو ڪونهي.“

”جيتوڻيڪ صاف ۽ روشن چنڊ ديوتا،
واٽ روشن ڪري ڇڏي آهي،
مونکي اهڙو انڌو ڪري ڇڏيو آهي
جو پانيان ٿي تہ، تو وٽ پهچي ڪانہ سگهنديس.“

## شهزاديءَ تاڪاتا جي شهزادي ايمانجي ڏانهن چٺي

هيءَ دنيا گلاخور زبانن سان،
ڀري پيئي آهي.
منا! جيڪڏهن پاڻ هينئر ملي نہ سگهون،
تہ پلا ايندڙ زندگيءَ ۾ ملون؟

## شهزادي هيرو ڪاوا

منهنجي پيار جي سوچن جون پريون،
ست گاڏيون پري ڇڏينديون -
ست وڏيون ۽ ڳرن ڦيٿن واريون گاڏيون.
آئون ڪنهن جي چوڻ بنا يا پاڻ مرادو،
پنهنجي ڇاتيءَ تي ايڏو بار ڪٽيو پئي هلان.

## ايرندين سرزمينن جا لوڪ گيت

”سوڪابا پهاڙ جي لاهين تي،
برف ڪري آهي يا نه!!
۽ هُن، منهنجي البيليءَ محبوبا،
اڱڻ ۾ ڪپڙا سُڪائڻ وڌا آهن يا نه؟“
ڪاش! دنيا ۾ ڪو اهڙو خاموش گهوڙو هجي ها،
جيڪو خاموش پيرن سان سفر ڪري سگهي ها،
ته پوءِ جيڪر آئون ڪاتسوشيڪا ۾،
ميشوماجي پل وٽ، توسان ملڻ لاءِ، هر رات اچان ها.

## بيگم اسونو ناڪاني اوتومارو

بدقسمت عاليجاهه فرواسونوڪافي!
تنهنجي هڪڙي معمولي ”چوڪري سان“
بي سمجهيءَ واري پيار ڪرڻ جي ڪري،
تون خوفناڪ شهنشاهي فرمان سان،
گهوڙي وانگر رسين سان ٻڌيو،
هڪڙي شڪار ڪيل سوئر وانگر،
تيرن ۽ ڪمانن جي وچ ۾ گهيريو،
ڏورانهين مردود صوبي ڏانهن ڪڍيو پيو وڃين،
ڪاش! تون مارت سوچي پهاڙن ڪان موٽي،
اسان انتظار ڪندڙن وٽ اچين.“

## هتاچي صوبي جي هڪ گيت جا ٻول

منهنجي ماءُ مون تي ائين پهرو ٿي ڏئي،
جيئن سوڪابا پهاڙ جي ٻنهي پاسن بينل،
تيز نگاهن وارا چست ۽ خبردار پهريدار.
پر اسان جا روح ملي چڪا آهن.

## وشنانو صوبي جي هڪ گيت جا ٻول

”وشنانو صوبي ۾ چڪوها نديءَ جي ڪناري تي،
جيڪي پٽريون پيون آهن،
جي تون انهن پٽرين مٿان پير ڏيئي هلين،
تہ آئون جيڪر انهن پٽرين ڪي ٻي ٻها هيرن وانگر،
ڪٽي جهول ۾ گڏ ڪريان.

## بيگم اوتو خوساڪو نوٽي بي

اي آسمان ۾ ڇاول، بهشتي ميدان مان هيٺ لٿل،
منهنجي ابن ڏاڏن جا ديوتا!
سڀ ڪان اندرئين ٽڪري تان پٽيل،
خوشبودار ساڪاچي ٻوٽي جي سرسبز ٽاريءَ ۾،
اڇو مقدس ڪاغذ ويڙهي ۽ پٽ ڪيئن جو نفيس ڪپڙو لٽڪائي،
بانس جي وڻ جي ڳپ مان نهيل پاڪ تسبيح ڪنڌ ۾ وجهي،
پنهنجن گوڏن ڪي هرٽيءَ وانگر جهڪائي،
مٿو ڪنوارپٽي جي رومال سان ڍڪي،
ادب ۽ تعظيم سان ڪنڌ نمائي
تنهنجي اڳيان اچي عرضدار ٿي ويني آهيان،
ڇا اجا بہ آءٌ ساڻس ملي ڪانہ سگهنديس؟

## بيگم ڪاسا

**جيڪڏهن زمين ۽ آسمان جا ديوتا،**
**پنهنجي سموري مت وڃائي چڪا هجن،**
**تہ پوءِ جيڪر منهنجا محبوب، ممڪن آهي تہ،**
**توکي ملڻ کان سواءِ ئي مري وڃان.**

✽ ✽

# حافظ جا شعر

مون غريب جو هي پيغام بادشاهن ڏانهن کير کڻي ويندو،
تہ مئي وڪڻندڙن جي گهٽيءَ ۾ ٻن هزار بادشاهن
جو ملھ هڪڙي شراب جي پيالي جيترو آهي.

بزرگ سڳورا! اهو دور ويو جو تون
مونکي وري عبادت خاني ۾ ڏسين،
هاڻ اسانجو ڪم ساقيءَ جي چهري ۽ جام جي
چپن ۾ پئجي ويو آهي.

ميخاني ۾ اچي پنهنجو منهن ڳاڙهو ڪري سرخرو ٿي،
عبادت خاني ۾ متان وڃين جو اتي سياهڪار ۽ بدڪار آهن.

جنهن ڏينهن تنهنجو خوشبودار قلم مونکي ياد ڪندو،
ان ڏينهن ۾ سو غلامن کي آزاد ڪرڻ جيترو ثواب ڪٽندو.

شمع وانگر وصل جو پروانو ان کي ملندو،
جيڪو تنهنجي تلوار جي هينان،
هر گهڙيءَ نئون نئون سر رکندو.

جتي شهر جو پرهيزگار ۽ عبادت گذار
حاڪمن ۽ ڪوٽوالن جو عاشق ٿيو پيو هلي،
اتي اسان جيڪڏهن چند جهڙي محبوب تي
عاشق ٿي پياسين تہ ڇا ٿي پيو.

لالن ۽ موتين جو ڪو طلبگار ڪونهي،
نہ تہ،
سچ جيئن اڳي ڪاٽين ۽ سمندن ۾،
هيرا جواهر ۽ موتي ناهڻ جي ڪاروبار ۾ لڳل هوندو هو
تيئن هاڻ بہ ان ڪم ۾ مشغول آهي.

رستي جي ڏوڙ وانگر ايڏو پٽ تي ڪريل آهيان، جو،
جيستائين پنهنجي عزت ۽ آبرو نٿو وڃايان،
تيسين ماني ٽڪر نٿو مليم.

جيسين ڏندن تي لک زخم نٿو سهان،
تيستائين ڪنهن به هڏي تان گوشت جو پور نٿو چنيو سگهان.

جاهل جاهه و جلال وارا ٿي ستين آسمان تي پهچي ويا آهن،
عالمن ۽ فاضلن جي رڳو آهه ۽ دانهن ڪان سواءِ
ٻيو ڪجهه به مٿي نٿو وڃي سگهي.

حافظ! صبر ڪر،
عاشقيءَ جي راهه ۾،
جنهن جان نه ڏني هوندي آهي،
سو جانيءَ تائين نٿو پهچي سگهي.

جهان ۾ زندگي ائين گذار،
جو جڏهن مري وڃين،
ته ماڻهو ائين نه چون ته ڪو فلاڻو
”مري ويو!“

جيڪو عشق جي ڪري زنده نه آهي،
تنهن جي، منهنجي فتوا سان،
جنازي نماز پڙهي ڇڏيو.

جيڪڏهن ٻنهي جهانن ۾،
يار سان فقط هڪ ساهه گڏ ڪٽان،
ته ٻنهي جهانن مان منهنجي حاصلات،
اهو هڪڙو پساهه ٿيندو.

جنهن به پنهنجو چهرو ناهيو، سينگاريو، سو دلبر ڪونه ٿي پيو،
جنهن به آئينو ٺاهيو سو سڪندر ڪونه ٿي پيو.
هن ڳالهه ۾ هزارين وارن کان به سنهڙا نقطا آهن،
جنهن به مٿو ڪوڙايو،
سو قلندر ڪونه ٿي پيو.

ان عافيت برباد ڪندڙ مست جي همت جو غلام آهيان،
جوڳدائيءَ جي حالت ۾ پتل کي سون بڻائڻ جي ڪيمياگري ڄاڻي ٿو.

پرھ جي هير جا ساھ مُشڪ جون سرهاٽيون ورهائيندا،
هي پوڙهو جهان وري جوان ٿي ويندو.

حافظ، تنهنجي خاطر ئي وجود جي بادشاهيءَ ۾ آيو،
ٻہ پير پري ڪائنئس موڪلاءِ جو،
واپس روانو ٿي ويندو.

هڪڙو مسئلو اٿم،
محفل جي ڏاهن کان وري پڇو،
تہ ٻين کي توبھ جون فرمائشون ڪندڙ،
پاڻ توبھ چو گهٽ ڪندا آهن؟

ٻيا گودڙين وارا سڀ مست ٿي پيا،
۽ ڳالھ آئي وئي ٿي وئي،
پر اسان جو قصو آھي،
جيڪو ھر بازار ۾ رھجي ويو آھي.

ساقي شراب ۾ ھيءَ جيڪا آفيم پيو وجھي،
تنھن جي ڪري يارن جا،
نہ سر سلامت رھيا نہ عزت ۽ آبروءَ جون دستارون ۽ پڳون.

درد وارن جو،
ٿورن اکرن ۾ گھڻي معنيٰ وارو،
درد پريو حال اچي ٻڌ.

چوطرف ڪڌڻن ۾ حادثا ٽولا ٽولا ڪريو لڪيا پيا آھن،
تنھن ڪري عمر جو سوار پنھنجو گھوڙو تيزيءَ سان
ڀڄائيندو وڃي.

ڪلهه يار لنگهيو ۽ اسان ڏانهن نظر بہ نہ ڪيائين،
ويچاري منهنجي دل!،
عمر لنگهي وئي ۽ ڪجهہ بہ نہ ڏنائين!

اي پرهہ جي هير!،
يار جي در جي خاڪ جي ڪجهہ خوشبو ڪٿي اچ،
دل جي مايوسي ڪٿي وڃ،
۽ دلدار جي اچڻ جي خوشخبري ڪٿي اچ.

يار جي زبان جو ڪو روح کي تقويت ڏيندڙ گفتو ٻڌاءِ،
رازن جي دنيا مان ڪو خوشخبريءَ جو خط ڪٿي اچ.

رقيب کي انڌي ڪرڻ لاءِ
هنن رت ڳاڙيندڙ اکين کي آرام ڏيڻ لاءِ،
دوست جي وات جي ڌوڙ ڪٿي اچ.
جان جي بازي لڳائڻ وارن کي،
ڪچائي ۽ سادگي نٿي سونهين،
هن چالاڪ دلبر جي خبر هٿ ڪري ڪٿي اچ.

اي باغ جا پکي!،
موجون پيو ماڻين تنهن جي شڪراني ۾ تون،
پڃري ۾ قيد ٿيل پکين لاءِ
گلزار جي خوشخبري ڪڻي اچ.

يار جي جدائيءَ ۾ جيڪو صبر ڪيم،
تنهن وات کي ڪڙو زهر ڪري ڇڏيو آهي،
يار جا منا چپ،
جن مان مصريون ۽ ماکيون پيون ڳڙن،
تن جو ڪو معجزو ۽ ڪرشمو ڪڻي اچ.

حافظ جي گودڙيءَ کي شراب سان رنگين ڪريو،
۽ پوءِ ان مستيءَ ۽ خرابيءَ جي حالت ۾،
کيس بازار جي وچان وٺي اچ.

غريبيءَ، فراق ۽ دل جي غم،
پوڙهو ڪري ڇڏيو اٿم،
ڪنهن نوخيز جوان جي هٿان شراب جو پيالو ڪڻائي اچ.

پانيان ٿو تہ محشر جي ڏينهن،
بزرگ جي تسبيح ۽ شرابي مست جي گودڙي،
ٻئي واڳ سان واڳ ملائي هلندا.

اسانجي پڇاڙيءَ جي منزل،
اها واري آهي جتي سڀ خاموش هوندا،
فلحال تہ آسمان جي گنبد ۾،
ڪو شور ۽ ڪو غلغلو تہ وجهي ڇڏ.

اسان سڪندر ۽ دارا بادشاھ جا داستان ڪونہ پڙهيا آهن،
اسان کان محبت ۽ وفا جي حڪايتن کانسواءِ ٻي ڳالھ ئي نہ پڇ.

عشق جا اهڙا سور سنا اٿئون جو ڳالھ ئي نہ پڇ،
وڇوڙي جا اهڙا زهر چکيا اٿئون،
جو ڳالھ ئي نہ پڇ.

سڀني جهان ۾ ڦريو آهيان ۽ آخرڪار،
اهڙو دلبر ڳولهي هٿ ڪيو اٿم،
جو ڳالهه ئي نہ پڇ.

عشق جي راهہ ۾ حافظ غريب وانگر،
اهڙي منزل تي رَسي ويو آهيان،
جو ڳالهه ئي نہ پڇ.

مہ خاني جي دخل تي ويهه ۽ شراب جو پيالو پيءُ،
هن جهان ۾،
ايتري دولت ۽ ايتري آبروءَ جي طلب
تو لاءِ ڪافي آهي.

اجائي گهڻي طلب نہ ڪر،
پاڻ لاءِ آساني ڪر،
صاف شراب جو شيشو ۽،
چند جهڙو محبوب،
تو لاءِ ڪافي آهي.

آسمان
مرادن جي واڳ،
جاهلن جي هٿ ۾ ڏيندو آهي،
تون داناءُ آهين،
۽ عالمن، فاضلن منجهان آهين.
ايترو گناهه
تو لاءِ ڪافي آهي.

بهشت جا محل ۽ باغ سٺن عملن جي ڪري بخشيا ويندا آهن،
اسين جيڪي مست ۽ فقير آهيون،
شراب خانو،
اسان لاءِ ڪافي آهي.

اُهي زمانا ويا،
جڏهن اهل نظر ڪُندن ۽ پاسن ۾ وجي ويهندا هئا
سندن وات هزارين قسمن جا سخن بيان ڪرڻ لاءِ
بي چين هوندا هئا،
پر سندن چپ خاموش هوندا هئا.

هاڻ ساز ۽ سُرود وڄائي علي الاعلان
اهي حڪايتون بيان ڪنداسين،
جن جي سيني ۾ دٻڻ ڪري سيني جي ديڳ،
جوش وچان اُيامندي پئي هئي.

ڪالهه ميخاني جي ڳليءَ مان،
نشي ۾ بدمست شهر جي امام ڪي،
ڪلهن تي کڻيو پي ويا.
هي اهو ئي بزرگ آهي،
جيڪو ڪالهه مصلو ڪلهي تي کڻيو پئي هليو.

جنهن جاءِ تي هن جي چپن جي ياد ۾،
شراب پيتو وڃي،
اُتي جنهن مست کي پنهنجي تن بدن جو هوش هجي،
اهو پياڪ ڪِريل آهي.

جيڪو مايوسيءَ جي غم کان ڊڄي ٿو،
ان جو عشق حلال نہ آهي.

يا اسانجي سسي محبوب جي پيرن تي هوندي،
يا اسان جا چپ سندس وات مٿان هوندا.

چيائين تہ گھٽي جاکوڙ نہ ڪندو ڪر،
ڇو تہ زماني جي عادت آهي،
جو سخت جاکوڙ ڪندڙن سان تمام گھٽي سختي ڪندو آهي.

مون وات تي وينل سان گڏجي ميخاني هلي ڏس،
تہ ان محفل وارن ۾ منهنجو ڪهڙو نہ شان آهي.

آئون پنهنجي ٻانهن جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان،
جو ماڻهن کي ستائڻ جي طاقت ڪانہ اٿس.

وفا ڪندا آهيون، ماڻهن جون ملامتون سهندا آهيون
۽ خوش گذاريندا آهيون، ڇو تہ،
اسانجي دين ۾ رنج ڏيڻ ڪفر آهي.

مونکي مهينن ۽ سالن پوڙهو ڪونہ ڪيو آهي،
پوڙهو ان ڪري ٿيو آهيان جو يار بي وفا آهي،
منهنجي پرسان اهڙو تکو تکو لنگهيو وڃي،
جئن تکي تکي انسان جي عمر گذري ويندي آهي،
منهنجي ڏِگهي قد، ۽ نازن ۽ اندازن واري محبوب،
منهنجي ڏگهين عبادتن ۽ رياضتن جو، قصو ڪوتاهہ ڪري ڇڏيو.

اي دل!
ڏنئي تہ پيريءَ، عبادت ۽ علم جي پڇاڙيءَ ۾،
منهنجي معشوق تاڙيندڙ اک،
منهنجو ڪهڙو حال ڪري ڇڏيو آهي.

جيتوڻيڪ وڇوڙو، وصال جو ميوو پيدا ڪندو آهي،
پر ڪاش ازل جو هاري،
وڇوڙي جو ٻج مورڳو پوکي ئي نہ ها!

زبردست ڪوشش ڪر،
تہ بهار جي موسم ۽ جوانيءَ جي زماني ۾،
پرين جي ڇٽيل انسانن سان عيش ڪري سگهين.

اي مک! سيمرغ جهڙي شهزور پکيءَ جي اڏامڻ جي،
اٿاهه ميدان مٿان اڏامڻ، تنهنجي وس کان ٻاهر آهي،
پاڻ کي بہ خوار ٿي ڪرين،
۽ اسانکي بہ مصيبت ۾ ٿي وجهين.

ڪجهہ دير سڪون سان ڪنهن چنبڊ جهڙي
سهڻي کي ڏسڻ،
مٿي تي بادشاهيءَ جو ڇٽ ڦهري، سجو ڏينهن
وٽ پڪڙ ۾ گذارڻ، کان بهتر آهي.

ساقيءَ شايد حافظ کي شراب مان سندس حصو ڏنو آهي،
جو مولويءَ جي دستار جو ڦُرو،
ٽرڻلي ۾ پئجي ويو آهي.

حافظ! جيڪو قرآن سيني ۾ سمايل اٿئي تنهن جو قسم،
تہ تنهنجي شعر کان وڌيڪ سهڻو شعر، ڪٿي بہ نہ ڏٺم.

دل واري مڙس جي جان،
عشق سان زنده ٿئي ٿي،
جي تو وٽ عشق نہ آهي،
تہ پوءِ هليو وڃ،
تون جڏو ۽ معذور آهين.

پنهنجي سهڻي کي رزيلن جي هٿن ۾ ڏسان ٿو،
آسمان مون جهڙي ماڻهوءَ جي خدمت جو حق،
اِجهو اهو ادا ڪيو آهي.

رند تہ سڀ شراب پرستي ڇڏي ويا،
پر ملان ري پيالي مست ٿيو پيو گهمي.

نمازين کي جنهن پاڪ مصلي تي ناز آهي،
سو اسان مستن جي دنيا ۾
شراب جي هڪ پيالي جي بہ مٽ نہ آهي.

اي محبوب! جيتوڻيڪ پوڙهو ٿي ويو آهيان،
تہ بہ هڪ رات پنهنجيءَ ڪڇ ۾ سوگهو ڪري سمهارينم،
تہ صبح جو نوجوان ٿي پوندس.

اڄو تہ گل وڇايون ۽ پيالن ۾ شراب اوتيون.
هن آسمان جي ڇت ڪي ڦاڙي،
ڪنهن ٻيءَ دنيا جو بنياد وجهون.

جيتوڻيڪ ڏاها انهيءَ ڪي بدناميءَ جي ڳالھ سمجهندا،
پر اسان ڪي عزت ۽ ناموس گهرجي ئي ڪانہ.

سياڻو آهي اهو مست شرابي،
جنهن دنيا ۽ آخرت تان هٿ ڪڍي ڇڏيو،
۽ ان جي ڪابہ پرواھ ڪانہ اٿس.

مون جهڙو شرابي ۽ عشق باز تي ڪري،
ههڙي وقت توبهہ تائب ٿئي؟
انهيءَ ڪان شل خدا پناهہ ڏئي!

سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ٻيا شراب وينا پيئن ۽ آءٌ وينو ڏسان،
سو مون ڪان سنو نہ ٿيندو.

ملان مون کي ٽوڪ هڻي چيو تہ ميان! شراب حرام آهي،
متان پيئين!
مون چيس تہ ٺر،
آءٌ هر ڪنهن گڏهہ جي ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏيندو آهيان.

اي دل! رندي ۽ مستيءَ جو سبق سکڻو اٿيئي تہ ملان ڪان سک،
جو ايڏيءَ ڪيڏ سان شراب پيئي ٿو
جو ماڻهن جي ليکي ويچارو ساڌ ۽ پاڪ آهي.

خبردار، شهر جي قاضيءَ کي پاڻ سان گڏ شراب متان پيارين،
جو هو شراب بہ پي ويندءِ ۽ پيالو بہ پيجي ڇڏيندءِ.

هي پهتل صوفي بزرگ سڀ حقيقت ۾ وڏا حريف نظرباز آهن،
پر بدنام ڪٽي چرئي حافظ کي ڪيو اٿن.

حافظ! شراب پيءُ، مست ٿيءُ، موجون ڪر،
رڳو هڪڙي ڪڏي ڪم کان پاسو ڪجانءِ
جيئن ٻيا قرآن کي خلق کي ڦاسائڻ جي ڪوڙڪي بنايو وينا آهن،
تيئن ٻيلي متان ڪرين ٻيو جيڪي وڻئي سو وجي ڪر!

مان ڪري ويهي شراب پيءُ،
چو تہ شيخ هجي يا حافظ، مفتي هجي يا محتسب
چڱيءَ طرح جاچي ڏسندين تہ سڀ رڳو فريب ۽ مڪر وينا ڪن!

مئہ خاني وارن جي پاڙي ۾ مبارڪون وجي ڏي،
تہ حافظ ڏيکاءُ جي عبادتن ۽ رياضتن ۽ ڪوڙي ديداري کان،
توبهہ ڪري چڏي آهي.

ماڻهن کي آزارڻ ڇڏ، ٻيو جيڪي وڻئي سو وجي ڪر،
جو اسان جي شريعت ۾ ان کانسواءِ ٻيو گناهہ ڪونهي.

اسين عبادتون، توبهائون ۽ تابعداريون ڪرڻ وارا جوان
ڪونہ آهيون.
اسان سان ڳالهہ ڪرڻي هجيئي تہ
نبار شراب جي پيالي جي ڳالهہ ڪر!

حافظ! جي يار جو وصل گهرجيئي تو تہ
ايري توڙي سيري سان نهي هل.
مسلمان هجئي تہ ساڻس الله! الله! ڪر ۽ جي برهمڻ هجي تہ
رام! رام! ڪرينس.

# مولانا روميءَ جا چونڊ بيت

منهنجي (مثنويءَ) کي سڪٽو اکر نہ، پر آب حيات چئو،
ڏس تہ پراڻي اکر جي جسم ۾ ڪهڙو نہ نئون روح سمايل آهي!

هيستائين فقط اهي معمولي ڳالهيون ڪيون اٿم،
جيڪي تنهنجي ناقص سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿيون،
سڄي زندگي ان حسرت ماريو اٿم،
تہ ڪاش ڪو اهڙو هجي جو،
منهنجي سڄي ڳالهہ سمجهي سگهي!

جي محفل ۾ ڪو اهڙو سخن جو ٽوبو مليم،
جيڪو منهنجي روح ۾ گهڙي ان ۾ سمايل،
گلن جهڙين ڳالهين کي مون مان چڪي ٻاهر ڪڍي سگهي،
تہ جيڪر هن باغ کي هزارين گلن سان سينگاري ڇڏيان.

جڏهين ڪو ٻُڌڻ وارو ڪونهي،
تڏهن خاموشي بهتر آهي.
نااهلن ڪان جي ڪنهن ڳالهه جو انت
لڪائي ڇڏجي ته بهتر آهي.

✸

هي ڳالهيون ٻُڌن ۾ پيل ڪير وانگر آهن،
اهو ڪير چوسي ڪڍڻ وارن ڪان سواءِ ٻاهر نه نڪرنديون.

✸

جيڪڏهن ٻُڌڻ وارو ٻڌڻ لاءِ پياسو ۽ بي چين هوندو آهي،
ته پوءِ ٻڌائڻ وارو ڪٽي مئل هجي ته به اتي ڳالهائڻ لڳندو آهي.

✸

جنهن جي ڳالهائڻ ۾ ڪا جان ۽ ڪو ولولو نه هجي
ان جي ڳالهائڻ مان، سمجهه ۽ حوصلي جا،
ڪهڙا گل ۽ ميوا پيدا ٿيندا؟

✸

ٺلهيون ٻڌل ڳالهيون بيان ڪرڻ واري جي زبان تي،
سوين دليل ۽ سوين قصا هوندا،
پر انهن ۾ ڪا جان ڪانه هوندي.

✸

ڪٽي سندس ڳالھين ۾ شان شوڪت ۽ دٻدٻو ٻہ ھجي،
پر تہ بہ سندس ڳالھ جي اندر ۾
خوف بہ ضرور لڪو وينو ھوندو.
اھڙو ماڻھو،
ماڻھن کي تہ ڏاڍيون ٽيڪرون ڏيندو،
پر اندر ۾ ائين پيو ڏڪندو جئن ھوا ۾ ڪک ۽ پن.

✸

جيتوڻيڪ ڪولي ٻڌايل ڳالھيون،
دل ۽ دماغ کي روشني بخشين ٿيون،
پر جيڪا روشنيءَ جي زبان عشق ۾ آھي،
سا دنيا جي ٻي ڪنھن بہ ڳالھ ۾ ڪانھي.

✸

عشق جي معنىٰ سمجھائيندي سمجھائيندي،
عشق جو گڏھ گپ ۾ ڦاسي ڪِري پيو،
تانجو عشق ۽ عاشقيءَ جي سمجھاڻي،
خود عشق کي ڏيڻي پئجي ويئي.

✸

جيڪڏھن سدائين پيو عشق جي سمجھاڻي ڏيان
تہ جي سو قيامتون گذري وڃن،
تہ بہ قصو پورو نہ ٿيندو.

✸

چيائون ”ڪير ٿو چوي دنيا ۾ سچ بہ آهي؟“
تہ سچ پاڻ اچي اڳيان بيهي رهيو!
اجان بہ جي توکي سچ جي وجود جي ڪا ثابتي کپي،
تہ سچ ڏانهن نهار!

✸

ڪيستائين پيو هي اکر اُچاريندين،
بيان ۽ تقريرون ڪندين،
۽ ظاهري جوش خروش جون نمائشون ڪندين؟
مونکي توکان باهہ گهرجي
باهہ سان ملي باهہ بنجي وڃ!

✸

جيڪو وڌيڪ سجاڳ آهي، اهو وڌيڪ ڏکويل آهي،
جيڪو وڌيڪ باخبر آهي، ان جو منهن وڌيڪ پيلو آهي.

✸

عشق جو سدائين سرسبز باغ،
بهار ۽ خزان جي قيد کان آزاد،
۽ خوشين توڙي غمين کان بي نياز آهي،
منجهس سدائين مٺا ميوا موجود هوندا آهن.

✸

خدا جي نظر ۾ ڪنهن ڏکويل جي اک مان ڪِريل ڳوڙهو،
شهيد جي رت جهڙو مقدس آهي.

✸

اسان جو جوش ۽ ولولو،
خوشين ۽ ڏکن جو محتاج ڪونهي.
اسانجو هوش ۽ اسان جي سمجهه،
خيالن ۽ وهمن کان بلند آهي.

✸

عاشقي ڏک ۽ سک کان بلند آهي،
اها بهار ۽ خزان کان سواءِ ئي،
سرسبز ۽ سدابهار آهي.

✸

منهنجو جسم ائين ستو پيو هوندو آهي
ڄڻ تہ اهو بلڪل اڪيلو آهي.
پر حقيقت ۾ ان وقت،
منهنجي دل ۾ اٺ جنتون آباد هونديون آهن.

✸

منهنجا پيارا!
جيئن تہ دل جي سڀ کان وڏي ضرورت ڄاڻ آهي،
تنهنکري، جنهن جي ڄاڻ جيتري وڌيڪ هوندي،
ان جي دل ۾ قوت ۽ طاقت اوتري وڌيڪ هوندي.

جيڪو رڳو پڙهيل آهي ڪڙهيل ناهي،
تنهنکي جڏهن بہ ڪو خريدار ملندو،
تڏهن پنهنجي علم کي بازار جي شئي وانگر وڪڻي ڇڏيندو.

منهنجا ڀاءُ! تنهنجي هستي،
تنهنجي سوچ آهي.
باقي تہ رڳو هڏا ۽ سڪٽو گوشت آهي.

ڪڏهين ڪڏهين ائين بہ ٿيندو آهي،
جو ماڻهوءَ جي اندر مان
ڪو اهڙو خيال سِرجي پوندو آهي،
جيڪو سوين جهانن کي،
زير زبر ڪري ڇڏيندو آهي.

شراب جي سموري مستي،
اسان جي اندر جي مستيءَ جي ڪري آهي،
اسان جي ذهن ۾ گردش جو تصور نہ هجي ها،
تہ آسمان هينئن ڦرندو نظر نہ اچي ها.

✸

جيڪڏهين ماڻهوءَ جا خيال وڻندڙ آهن،
تہ پوءِ محبوب جو انتظار،
جيڪو هونئن موت برابر هوندو آهي،
سو بہ منو ۽ لذيذ ٿي پوندو آهي.

✸

خواهشون پلي ڪر، پر حد اندر!
گاهہ جو ڪانو،
جبل جو بار ڪڏهن ڪونہ سگهندو

✸

هر ڳالهہ جي هڪڙي حد هوندي آهي،
۽ اها صحيح توازن سان ئي صحيح رهندي آهي.
جيڪو سج دنيا کي روشني ڏئي ٿو،
سو ذرتيءَ کان جيتري پنڌ تي هينئر بيٺو آهي،
تنهن کان ٿورو بہ ويجهو اچي،
تہ جيڪر هر شيءِ کي ساڙي رک ڪري ڇڏي.

✸

سرن ۽ پٿرن جي ٺهيل مسجد تہ فقط ظاهري ڏيک آهي،
اصل مسجد ۽ اصل حقيقت تہ،
دل واري جي دل آهي.

✸

علم، دولت، عهدو، شان ۽ قران،
جي برن جي ور چڙهي ويا،
تہ اُهي انهن جي زور تي،
دنيا ۾ فتنا ڪڙا ڪري ڇڏيندا.

✸

پيغمبر فرمايو آهي تہ عورت جو اثر ۽ غلبو
داناءَ ماڻهن تي ٿيندو آهي.
هوءَ دل واري جي دلين تي قابض ٿيندي آهي.
جاهل جيئن تہ جاهل، جهيڙاڪ ۽ بي دماغ هوندا آهن
تنهن ڪري هو عورتن لاءِ عذاب هوندا آهن.

✸

هن بلند ۽ بالا آسماني گنبذ جي هينان اهڙا بہ مرد پيا آهن،
جن جي پنجوڙ ۾ ملائڪ قيد ۽ پيغمبر شڪار ٿيا پيا آهن؛
۽ خود خدا بہ وٽن ڦاٿو وينو آهي.

✸ ✸

# رباعيات عمر خيام

اي ڪاش! هن ذرتيءَ تي
ڪا سک جي ساهه کڻڻ جي جڳهه هجي ها!
يا وري هن ڊوراهين پنڌ واري منزل کي،
رسي سگهجي ها،
ڪاش سؤ هزار سالن کانپوءِ
ذرتيءَ جي دل منجهان
پاڻهي مورندڙ ڇبر وانگر
ڪا اميد اُڀري سگهي ها.

جيڪڏهن خدا وانگر، منهنجو بہ هن فلڪ تي وس هجي،
تہ هن فلڪ کي وچان ڪڍي، اُڇلائي ڇڏيان ها،
۽ نئين سر هڪڙو اهڙو فلڪ ناهيان ها،
جو آزاد طبيعت وارو انسان، آسانيءَ سان،
پنهنجي دل جون تمنائون پوريون ڪري سگهي ها.

آئون آهيان، سچ جو پاسو آهي،
شراب آهي، ڳائٹو آهي.
منهنجي جان آهي، منهنجي دل آهي.
پيالو آهي،
پيالي جي تر ۾ بچيل شراب جي هارجڻ ڪري،
آلي قميص پايو وينو آهيان
رحمت جي اميد،
توڙي عذاب جي ڊپ کان فارغ،
۽ آزاد ”مٽيءَ کان، هوا کان . . . . . .“

جيتوڻيڪ منهنجا غم ۽ ڏک اڻ ڳُڻ آهن.
۽ تنهنجون عيش ۽ عشرتون،
اوج تي رسيل آهن.
پر انهن ٻنهي ڳالهين تي ڀروسو متان ڪرين!
چو تہ هي فلڪ پردي جي پنيان
”هزارين قسمن جون رانديون ڪيڏندو آهي“

چون ٿا بهشت ۽ حورون واقعي هونديون،
۽ شراب هوندا، کير هوندا، ماکيون هونديون.
جيڪڏهن اسين مَئي ۽ محبوب سان دل لڳايون ٿا
تہ ان ۾ ڪهڙو عيب تي پيو؟ چو تہ پس پيش بہ تہ ائين ئي ٿيندو.

چون ٿا بهشت هوندو، آب ڪوثر هوندو.
شراب، کير ڪنڊون ۽ ماکيون هونديون.
هڪڙو پيالو پري منهنجي هٿ تي آڻي رک!
روڪڙ، هر اوڌر کان بهتر آهي.

چون ٿا جيڪي پرهيزگار آهن، سي جن سان گڏ مرندا
قيامت جي ڏينهن ان سان ئي گڏجي اٿندا،
اسين سدائين مَئي ۽ محبوب سان انهيءَ ڪري
گڏ هوندا آهيون تہ جيئن حشر جي ڏينهن انهن سان ئي گڏ اٿجي.

بازار ۾ تازن گلن وڪڻڻ جي ڳالھ ڪندا آهن
منا ٻڌاءِ تہ جهڙا چوندا آهن تهڙا تازا گل ڏيندا آهن؟
حورن، محلاتن، بهشت ۽ دوزخ جي ڳالهين تي متان لڳين!
ماڻهو هر قسم جا هوڪا پيا ڏيندا آهن.

گهڻو نہ پي جاجھ ۾ نہ پئو، هُل بَڪيڙو نہ ڪر،
ٿورو پي، ڪڏهن ڪڏهن پي ۽ لڪائي پي.

آئون ان گهڙيءَ تان قربان وڃان، جنهن گهڙيءَ ساقي چوي:
”اڃي هي ٻيو پيالو بہ وٺ.“ ۽ آئون نہ وٺي سگهان.

جيڪڏهن عاشق ۽ مست دوزخي ٿيندا تہ پوءِ
بهشت جو منهن ڏسڻ لاءِ بہ ڪير تيار نہ ٿيندو.

جڏهن تہ رڻ پٽ بهشت لڳو پيو آهي
تڏهن آب ڪوثر جون ڳالهيون گهٽ ڪر.
بهشتي چهرن وارن ماڻهن سان بهشت ۾ ويهي رهہ.

جيڪڏهن عاشق ۽ مَئي پيئندڙ دوزخ ۾ هوندا.
تہ سڀاڻي ڏسندين تہ بهشت هٿ جي تريءَ
جهڙو لڳو پيو هوندو.

ڪڪر آيو ۽ وري اچي چمن جي مٿان روئي چوڻ لڳو:
”گلن جي رنگ جهڙي شراب کان سواءِ جڳ ۾ جيئڻ نٿو جڳائي.“

جيڪڏهن بهار جي موسم ۾ حور جهڙو محبوب
سرسبز ميدان جي پرسان شراب جو هڪڙو پيالو ڏيم،
ته جيتوڻيڪ اها ڳالهه عام ماڻهن کي خراب لڳندي
ته به چوان ٿو ته جي وري بهشت جو نالو وٺان
ته چئبو ته ڪتو به مون کان بهتر آهي.

مون کي ڪا خبر ڪانهي ته جنهن مون کي بڻايو
تنهن مون کي بهشت وارن مان بڻايو يا دوزخ وارن مان.

سرسبز چبر جي پاسي ۾ پيالو، محبوب ۽ ساز
اُهي ٽئي مون تي روڪڙ ۽ بهشت تولئہ اوڌر.

پيئڻ ۽ خوش رهڻ منهنجو آئين آهي.
ڪفر ۽ دين کان فارغ هجڻ، منهنجو دين آهي،
اهو بلور جو پيالو جيڪو شراب سبب ٺهڪ پيو ڏي
اهو، اُهو لڙڪ آهي جنهن ۾ دل جو خون لڪل آهي.

بيهودا! ارمان ڪرڻ فضول آهي،
تقدير جي هاديءَ اسان جهڙا گهڻا پوکيا ۽ لُٽي ڇڏيا.
جڏهن منهنجي پڇڻ کان سواءِ، مون تي قضا جو قلم وهائي
ڇڏيائون.
تہ پوءِ ان جي نيڪي ۽ بدي مون کان ڇو تا ڪري سمجهن.
ڪلهہ مون کان سواءِ ۽ اڄ وري ڪلهہ وانگر مون کان ۽
توکان سواءِ،
پنهنجي باري ۾ جيڪو ليک لکڻو هون سو لکي ڇڏيائون،
سڀاڻي ڪهڙي حساب سان اسان جي مٿان فرياد چاڙهيندا؟

دشمن غلط چيو تہ ”عمر فلسفي آهي“ خدا تو ڄاڻي
تہ جيڪي هو چوي تو اهو آئون ناهيان.
پر جيئن تہ هن غم جي آکيري ۾ اچي ويا آهيون
تڏهن جيترو ڄاڻان تو ان کان ڀلا ماڻهو
آخر ڪيترو گهٽ ڄاڻي سگهي تو!؟

ڪاش اميد جي شاخ تي ڪو ميوو هجيئون ها!
ڪاش زندگي جي رشتن ناتن جو ڪو منهن مٿو هجيئون ها!
وجود جي قيدخاني جي سوڙهہ ۾ ڪيستائين زندگي گذارجي.
اي ڪاش! عدم ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪو در، دروازو هجيئون ها.

جيڪڏهن منهنجو اچڻ پنهنجي مرضيءَ سان هجي ها، تہ اچان ها،
۽ جي هجڻ پنهنجي وس هجي ها، تہ ڇو هجان ها؟
اهو بهتر نہ ٿئي ها تہ هن خراب جڳهہ تي،
نہ اچون ها، نہ رهون ها، ۽ نہ هجون ها؟

جيڪڏهن، هن آسمان جا ڪم ڪارانصاف ۽ سنجيدگيءَسان ٿين ها
زماني جا حال احوال وٽندڙ هجن ها،
جيڪڏهن فلڪ جا ڪم عدل ۽ انصاف سان ٿين ها،
تہ علم ۽ فضل وارا ماڻهو اهڙا ڏکويل ڇو هجن ها؟

مولا! منهنجي شراب جي صراحي ڀڃي وڌءِ:
منهنجي عيش جو دروازو بہ بند ڪري ڇڏيئي:
منهنجو ڳاڙهو شراب مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيئہ!
منهنجي وات ۾ ڌوڙ، پر تون بہ ڪو پيتل تو ڏسجين، مولا!

ماڻهو بهشت ۽ دوزخ جي چڪر ۾ ڦاٿا پيا آهن:
ڀلا پڇونِ تہ ڪهڙو دوزخ ۾ ويو آهي؟
۽ ڪهڙو بهشت مان ٽي آيو آهي؟

دیندار زاهد ٿو چوي تہ حورن وارو بهشت ڏاڍو سنو آهي.
آءٌ ٿو چوان تہ انگور جو نهيل شراب سنو آهي،
جو هڪيو تڪيو تہ موجود آهي.
بهشت جون تہ رڳو ڳالهيون آهن، جن تي اعتبار ڪير ڪري؟
دهل جو آواز پري کان گهڻو ئي منو هوندو آهي،
پر منجهس آهي ڪجهہ بہ ڪونہ.

اسين پراڻي ۽ نئين شراب جا خريدار آهيون؛
باقي دنيا ۽ آخرت، سي تہ جَو جي هڪ داڻي تي بہ ڪونہ وٺون.
مون کان ٿو پڇين تہ مرڻ کان پوءِ ڪاڏي وينديں؟
مون کي شراب جو پيالو آڻي ڏي،
پوءِ تون جيڏانهن وڻئي تيڏانهن وڃ.

هن ڳالهہ تي ماڻهو ضرور ڪاوڙجي پوندا،
پر بهار جي موسم ۾ منهنجو حور جهڙو سهڻو يار
جڏهن مون کي ساوڪ مٿان ويهاري،
شراب سان ڀريل پيالو آڻي ڏئي،
۽ پوءِ جي آءٌ بهشت جو نالو وٺان تہ آءٌ ڪتي کان بدتر چئبس.

توئي مون کي متيءَ ۾ پاٽيءَ مان ناهيو،
آءٌ ڇا ڪريان؟ توئي هي براين جو لباس پهرايم،
آءٌ ڇا ڪريان؟ جيڪي منهنجي هٿان ٿئي ٿو.
سو تو اڳيئي منهنجي تقدير ۾ لکي ڇڏيو آهي، آءٌ ڇا ڪريان؟

ڪي ماڻهو مذهب ۽ دين جي ڳُٽين ۾ پيا ڳِرن،
تہ ڪي فلسفي جا راز پيا ڇاڇين.
اوچتو پردي پويان آواز آيو تہ اي بيوقوفو!
واٽ نہ هيءَ سڌي اُتو نہ هوءَ.

اهي بہ ٿي احمق جن ڪي پنهنجي جهالت وچان
دنيا جو وڏو عالم ۽ فاضل پيو سمجهين،
شڪر ڪر جو تون بہ اهڙوئي گڏھ آهين جهڙا اهي آهن،
ڇو تہ جيڪو گڏھ نہ آهي، تنهن کي هو ڪافر ٿا سڏين.

# متفرق فارسي شاعري

## رودڪي (وفات 873 ع)

خوش گذار،
ڪارين اکين وارن سان، خوش گذار،
هي جهان سواءِ قصن ڪهاڻين جي
ٻيو ڪجھ بہ ڪونهي.

منهن ڏيڪارڻ ۽ چمي ڏيڻ مهل ڪهڙو نہ اٽانگو آهين،
پر دل کسڻ ۽ ساهہ ڪڍڻ ۾ ڪيتري نہ آساني ٿو ڪرين!

## دقيقي

دنيا ۾ جيڪي بہ خوبيون آهن، تن سيني ۾ اعلىٰ چار آهن:
ياقوت جهڙا ڳاڙها چپ، ساز جو نغمو، رت جهڙو ڳاڙهو شراب
۽ زردشت جو مذهب. [چو تہ زردشت جي مذهب ۾ شراب جائز
آهي.]

## فردوسي (940 ـ 1020)

اڇو تہ دنيا کي ٻچڙن جي حوالي نہ ڪريون
سعيو ڪري نيڪيءَ کي زور وٺايون.

جيڪا ماڪوڙي داڻو کڻيو پئي وڃي،
تنهنکي نہ آزار،
اُها بہ نهايت پياري، وڻندڙ ساهواري آهي.
جيڪو ان کي ستائڻ چاهيندو،
ان جو اندر ڪارو هوندو،
۽ دل پٿر جي نهيل هوندي.

عرب جٽن جو، انين جو کير پي ۽ ڳوهون کائي،
ايڏو من وڏي ويو آهي، جو قيصر ۽ ڪنعان جي تخت ۾ اکيون
وڌيون اٿن!
اي آسمان، توکي حيف هجي! حيف هجي!

محمود غزنويءَ جي سياڳي دربار اهڙي درياهہ وانگر آهي،
جنهن جو ڪوبہ ڪنارو ڪونهي،
اُن ۾ ٽٻيون هنيم ۽ هڪڙو موتي بہ نہ مليم
ڏوهہ بخت جو آهي، درياهہ جو ڪونهي.

جيتوڻيڪ غزنيءَ ۾ ان ظالم بادشاهه منهنجو جگر خون ڪري ڇڏيو آهي،
پر چاهيان ٿو تہ دانهون ڪريان ۽ سڄي جهان کي سندس ظلم جو داستان ٻڌايان:
ماڻس ۽ پٽس کان ونئي شروع ٿيان،
جو آءٌ خدا کان سواءِ ڪنهن کان نٿو ڊڄان.

## فرخي (محمود غزنويءَ جو درٻاري شاعر)

سڪندر جو داستان پراڻو ٿي،
ٺلهي ڳالهہ بڻجي ويو.
نيون ڳالهيون پيدا ڪر،
نين جو ميناج ٻيو آهي.

## بوعلي سينا

زماني ۾ مون جهڙو مضبوط ايمان وارو هڪڙو،
سو بہ جي ٿيو ڪافر، تہ چئبو تہ،
دنيا ۾ هڪڙو بہ مسلمان ڪونهي.

## ابو الفراج روني (وفات 1116)

آسمان هر ڏاهي ماڻهوءَ لاءِ،
سوين موت مار شربت ملائي رکي ڇڏيا آهن،
زماني وٽ جيڪو بہ زهر هو سو،
هر مڙس ماڻهوءَ جي پيالي ۾،
وجهي ڇڏيو اٿس.

## ابو سعيد ابولخير

ايمان ٻي ڳالهہ آهي ۽ محبت جو دين ٻي ڳالهہ،
عشق جو پيغمبر نہ عجم جو آهي ۽ نہ عرب جو.

چيئہ ”ڇا ڪريان، يار لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيان؟“
بنا درد جي متان اچين،
باقي ٻيو جيڪي آڻيندين،
سو ڀلو هوندو.

## شيخ سعدي (1209 ـ 1291)

منهنجي مرڻ کان پوءِ،
منهنجي قبر زمين تي متان ڳولين،
منهنجي قبر، دانا ۽ اهل دل،
ماڻهن جي سينن ۾ آهي.

هن دور ۾ ڪنهن بہ مون وانگر
يار جي در اڳيان نہ ٻاڪاريو آهي،
ان ڪري منهنجو ڪلام شيراز کان،
آسمانن جي بلندين تائين پهچي ويو آهي.

## سلمان ساوجي

گل پُڻ پُڻ ڪري روئي چا تو چوي،
جو ويچاريون بي زبان بلبليون،
دانهنِ ۽ ڪوڪن ۾ پئجيو وجن.

## فيضي (1595 ـ 1547)

منهنجو هي بدن،
هندستان جي مٽيءَ جو آهي،
پر منهنجي وار وار جي پاڙ ۾،
هزارين يونان پيا آهن.

فيضي! هن جهنگ ۾ شوق ۽ چاهه،
جي انٽيءَ کي هلاءِ،
ڇو تہ جيڪي سفر جي شوق بنا،
رڳو منزل جا طالبو هوندا آهن،
سي دل جي ڪعبي ۾ پهچي نہ سگهندا آهن.

سوين رڻ پٽ لنگهي ويا،
سوين پيا سامهون آهن،
پر اڃا ڪو رڳو پهرينءَ منزل جو بہ ڏس نٿو ڏئي.

اي پرھ جي هير! آسمانن منجهان،
مبارڪ باديءَ جي گلن جي ورڪا ڪر،
جو پنهنجي اونداهي رات جي
پرڀات سامهون اچي وئي آهي.
فيضي ڪعبي ڏانهن ويندڙ قافلي
کان ٻاهر ڪونهي،
البت ايتري ڳالھ آهي جو پاڻ کان
ڪجھ اڳيرو آهي.

## خواجہ ڪرماني (1280 ـ 1352)

جوانيءَ جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين،
ڪڏهن هڪڙو پل بہ خوش نہ رهيو آهيان،
زماني جي ماءُ مون ڪي،
الائي ڇا جي لاءِ ڄڻيو؟

## عرفي (1555 ـ 1590)

عرفي! تون مخالفن جي گوڙ شور کان نہ ڏڄ،
ڪتن جي ڀونڪڻ ڪري فقيرن جو رزق گهٽ نہ ٿيندو آهي.

عرفي! عشق آباد دلين کي،
هڪڙي جَوَ جي داڻي جي عيوض بہ خريد نہ ڪندو آهي،
ان ڪري اسين بہ پنهنجي ويران دل،
ٻنهي جهانن جي عيوض بہ نہ ڏينداسين.

آءٌ اُهو ارڏو درياهہ آهيان،
جنهن جي خاصيت جو تاثير اهو آهي،
جو جڏهن خوفناڪ لهرون اُٿنديون آهن،
تڏهن مونکي سڪون ملندو آهي،
۽ جڏهن خطرناڪ طوفان ايندو آهي،
تڏهن مونکي آرام ملندو آهي.

تون هن جهان جي نظام کان واقف ناهين،
تنهنڪري تون هر واقعي کي،
آسمان جي تارن جو تاثير سمجهين ٿو.

فطرت جي سمنڊ جا ٽوٻا،
سمنڊ جي تري ۾ بي بها موتي ڳوليندا آهن،
پر تون سدائين انهيءَ فڪر ۾ هوندو آهين،
تہ سمنڊ جو ڪنارو ڪڏهن ٿو نظر اچي.

## ابن يمين (1286 ـ 1386)

اهو نہ ڏس تہ ابن يمين جي دل،
ڪيئن رتورت ٿي ويئي،
اهو ڏس تہ هن فاني جهان مان،
هو ويو ڪيئن،
هٿ ۾ قرآن ۽ اکيون يار جي چهري طرف،
موت جي قاصد سان گڏيو،
کلندو کڏندو روانو ٿي ويو.

## نظيري نيشاپوري (وفات 1652)

محبوب جي پيرن کان وٺي.
مٿي جي چوٽيءَ تائين، جسم جي،
جنهن هنڌ تو نظر وجهان ان هنڌ جو حسن،
دل جي پلاند کي سٽ ڏيئي چوي ٿو:
”سڀ کان سهڻي جڳھ اها ٿئي.“

هن گهٽيءَ مان پير اڳتي ئي نٿو وڌي،
يارو! خبر تہ ڏيو تہ هيءَ،
ڪنهن جي جلون جي جاءِ آهي؟

گل جي ٺاريءَ هيٺان،
جنهن بلبل کي نانگ کاڌو هجي،
تنهن جي حال جي انهن کي ڪهڙي خبر،
جن کي ڪڏهن اهڙو ڏنگ ئي نہ لڳو آهي.

## مسائب تبريزي (1601 ـ 1650)

جيڪو وطن ۾ آهي اهو وڏي نالي وارو نہ ٿيندو،
عقيق جو پٿر جيسين پنهنجي وطن يمن ۾ آهي،
تيسين سادو ئي رهندو.

جيڪو اڳيان لنگهي ٿو سو منهنجي،
دل جو هڪڙو ٽڪر ڪنيون وڃي ٿو،
آءٌ پنهنجي سئو قارون ٿيل دل،
جون قارون وڪڻندڙ آهيان.

ڌرتيءَ تي انسان جو اچڻ ۽ رهڻ،
ائين ٿو لڳي جڻ،
ازل جي رڻ پٽ مان کي اگهاڙا،
ڪفن هٿ ڪرڻ لاءِ،
وجود جي سراءِ ۾ آيا،
۽ ڪفن وٺي موٽي ويا.

## فروغي بسطامي (ڄائو 1796)

خدا خدا ڪندڙ ۽ خدا کي سڃاڻيندڙ،
جي وچ ۾ اهڙو فرق آهي،
جهڙو حيوان ۽ انسان جي وچ ۾!

## قرة العين فاطمہ زرين تاج (وفات 1852)

تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ،
پرهه جي هير وانگر ڀٽڪندي رهي آهيان،
گهر گهر، در در، گهٽيءَ گهٽيءَ، ڳليءَ ڳليءَ.

# عربي شاعري

## امراء القيس

”. . . . ۽ رات، جيڪا ڊيگهه ۽ هيبت ۾ سمنڊ جي لهرن
وانگر هئي تنهن ڪي مون چيو.“
”اي رات!
صبح آڻ! پر صبح بہ تہ ڪو توڪان وڌيڪ
آرام ۽ سڪون ڏيندڙ ڪونہ هوندو.
تون بہ ڪهڙي قسم جي رات آهين
جنهن جا تارا پنهنجي جاءِ تي
ائين ڄميل آهن جو ڄڻ تہ رسين سان ٻڌل
جبل سان جڪڙيا پيا آهن.“

”. . . . جاني اهو ڏينهن ياد اٿئي، جڏهن اوهان جو قبيلو لڏي پئي
ويو؟ ۽ تون ڪجاوي اندر اٺ تي چڙهي وڃي رهي هئينءَ
تہ اوچتو توتي منهنجي نظر پيئي،
۽ اتڪل سان لڪي ڪجاوي ۾ چڙهي آيو هوس
۽ تو دانهون ڪري ڊپ وچان چيو هو تہ ’هي ڇا ٿو ڪرين،؟‘
مون بي اختيار توکي ڀاڪر وجهي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.“

## حاتم طائي

ڪن ماڻهن جون ملڪيتون پنهنجي ڏٽين لاءِ
خدا تي پونديون آهن ۽ هو انهن کي پوڄيندا رهندا آهن.
خدا جو شڪر آهي جو منهنجي ملڪيت
منهنجو خدا نہ پر منهنجي غلام آهي.

❖

## غسره عبسي

”آئون شريفاڻي ۽ باعزت ماني
حاصل ڪرڻ لاءِ
رات ڏينهن لڳاتار بکيو رهجي ويندو آهيان.“

❖

”اهو هٿياربند سورمو جنهن جي مقابلي ۾ اچڻ کان
وڏا وڏا سورما گهٻرائجي وڃن ٿا ۽ جيڪو ويڙهه جي ميدان
مان نہ ڀڄي ٿو نہ پيش پوي ٿو،
منهنجي هٿن
ڦڙتيءَ سان مضبوط سندو نيزو اُن ۾ کوڙي ڇڏيو!،
پوءِ مون ان جو بدن نيزي ۾ پوئي ڇڏيو
۽ ڪوبہ شريف انسان نيزي لاءِ حرام نہ ڪيو ويو آهي.
مون ان بهادر کي ماري درندن جي خوراڪ بنائي ڇڏي ڏنو،
درندن سندس گوشت پٽي پٽيو ۽ سندس ڪراين ۽ هڏين جا
حسين جوڙ پٽي چٻاڙيائون.“

❖

# ابو صعقره بولاني

”اونداهي رات ۾ جودي جبل جي ٻنهي پاسن تي،
وسڻ وارن ڪڙن جو،
پاڪ ۽ صاف پاڻي جيڪو وهي جبل جي
ڪڏن ۾ جمع ٿي ويو هجي.
۽ پوءِ سندس مٿينءَ سطح مٿان اتر جي هوا لڳي هجي
۽ اهو تمام گهڻو ٿڌو ٿي ويو هجي
اهڙو پاڪ صاف ٿڌو ۽ لذيذ پاڻي به لذت ۾
محبوبه جي وات جي پِڪ ڪان وڌيڪ پاڪ ۽ وٽندڙ نه هوندو.“

❖

# علقمہ تعميمي

”خدا توکي آسودو ۽ خوش رکي،
شال ڏکڻ جي هوا جا
گهلي آندل پاڻيءَ سان ڀريل ڳرا ڪڪر
تنهنجي مٿان وسن ۽ تنهنجي زمين آباد ڪن!
اي منهنجي محبوبه!
ڏس! تون مونکي ۽ ذليل ۽
بيڪار ماڻهوءَ کي هڪجهڙو نه سمجهجانءِ۔“

❖

## زهير بن ابي سلمىٰ

”جيڪڏهن تون جنگ کي ڪنهن جي پويان لڳائيندين
تہ هوءَ ان جي پٺ ڪانہ ڇڏيندي
۽ پوءِ باھ وانگر پڙڪندي ويندي.
هوءَ سال ۾ ٻہ ڀيرا ويم ڪندي ۽
هر دفعي ٻہ ٻار ڄڻيندي هوءَ توهان لاءِ
ايترين تڪليفون ۽ مشڪلاتون پيدا ڪندي
جو عراق جي علائقي ۾ ايترو اناج ۽ ايتري دولت بہ پيدا
ڪانہ ٿي ٿي سگهي جو
تون انهن کي منهن ڏيئي سگهين.“

❖

## طرفت

جڏهن قوم سڏيندي آهي تہ ” آهي ڪو بهادر جوان مرد “
تہ آئون ان آواز مان سمجهندو آهيان تہ
منهنجي ئي ضرورت آهي
۽ پوءِ نہ آئون سُستي ڪندو آهيان
۽ نہ ئي بدحواس ٿيندو آهيان.
اک ڇنڀ ۾ ميدان ۾ پهچي ويندو آهيان.

❖

## عمرو بن ڪلثوم

جڏهن ڪو بادشاھ ماڻھن تي ظلم ڪري ٿو
تڏهن اسين تغلبي قبيلي جا ماڻھو
ظلم برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهيون.
جڏهن اسان جي قبيلي جو ٻار ماءُ جو کير ڇڏڻ
جي عمر کي پھچندو آهي
تڏهن وڏا وڏا مغرور ۽ تڪبر ڪرڻ وارا
ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پوندا آهن.

❖

## اخطل

اي هند! اي بني بڪر قبيلي جي هند!
چاهي ڪٽي پنھنجا قبيلا
قيامت تائين هڪٻئي جا دشمن بنيا وينا هجن،
پر تون شال سدائين سلامت
هجين ۽ زندگي ماڻين!

❖

## طرماح

”بنو تميم بچڙائيءَ جون واٽون
ان قطا پکيءَ کان به وڌيڪ سڃاڻن ٿا
جيڪو رڻ پٽ ۾ پاڻيءَ جي هر جاءِ کان واقف هوندو آهي.
پر هو جڏهن شرافت جي رستن تي هلن ٿا
ته گس ڀلجيو وڃن. جيڪڏهن ڪا جونءِ به
ماڪوڙيءَ تي چڙهي
سندن بن صفن تي حملو ڪري ٿي ته ڀڄيو وڃن.“

❖

مون کي پنهنجو پاڻ سان محبت ان ڪري وَڏي آهي
جو هر نڪمو ماڻهو مون سان بغض رکي ٿو
۽ هر ڪمينو ماڻهو مون کي بدبخت سمجهي ٿو
۽ ڪمينن جي نظر ۾
سواءِ خوش اخلاق ماڻهوءَ جي
ٻيو ڪوبہ
بدنصيب ماڻهو نہ هوندو آهي.

❖

## ڪعب بن زهير

سعادء مون کان جدا ٿي ويئي! هن جي محبت ۾
منهنجي دل ان قيديءَ وانگر آهي جنهن قيديءَ کي
ڇڏڻ لاءِ پئسا گهريا ويا هجن ۽ نہ ڏنا ويا هجن
۽ هو زنجيرن
۾ جڪڙيو پيو هجي -

❖

## فرزدق

توهان ڏسندئو تہ هر مظلوم ڊوڙي اچي
اسان وٽ پناهہ وٺندو آهي
۽ هر ظالم جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش اها هوندي آهي
تہ اسان کان جيترو پري ڀڄي سگهي اوترو پري ڀڄي وڃي.

❖

## خوارزمي

جواني ۽ محبوبہ ٻئي جدا ٿي ويا . . . . .
زماني مون سان انصاف نہ ڪيو.
ان ساڳي وقت منهنجي اڳيان ٻہ موڪلائڻ وارا
آٽي بيهاري ڇڏيا.
حالانڪ مون وٽ موڪلائڻ لاءِ
فقط هڪڙي دل هئي ۽ نہ ٻہ دليون.

❖

موت حسن بن بويہ کي ختم ڪري ڇڏيو.
ڇا موت کي خبر آهي تہ هن ڪيڏي زبردست
لشڪر کي شڪست ڏني آهي؟

❖

## متنبي

عزت جي زندگي
گذاريو يا وري جنگ
۾ نيزن جي مار ۽ جهنڊن جي ڇانو ۾ جان ڏئي ڇڏيو . . . . .
هيءَ ٻہ ڪا زندگي آهي جنهن ۾
نہ عزت آهي نہ شهرت نہ مرڻ کان پوءِ
توهان جي ڪمي محسوس ڪرڻ وارو؟

❖

عزت ۽ سربلندي تلاش ڪريو چاهي
اها جهنم ۾ ڇو نہ ملي
۽ جنت کي خيرباد چئو
جيڪڏهن اتي ذلت ۽ خواري برداشت ڪرڻي پوي.

❖

هي اهي ماڻهو آهن جن وٽ بالغ ٿيڻ جي
نشاني اها ناهي تہ انهن کي احتلام ٿئي.
پر اها آهي تہ هو بهادرن جي سينن کي نيزن سان چلين.

❖

الله جون ڪيتريون نعمتون
بخيلن وٽ بيقرار ۽ بيچين وينيون آهن
جڻ تہ اهي پرديس يا قبر ۾ هجن.

❖

# ابن المعتز

تون اهل دل ماڻهوءَ کي ڪڏهن بہ وقت جي
خليفي بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندي نہ ڏسندين ۽
نہ ڪي هو چوندو تہ ڪهڙو ماڻهو
ڪهڙي عهدي تان لٿو ۽ ڪهڙو چڙهيو.
هو پنهنجي زندگيءَ جي سُڪون کي
انهن مناظري بازن جهڙا
گڏهہ جا آواز ڪيڻ سان خراب نہ ڪندو آهي
تہ جيڪي ماڻهو سڄو ڏينهن اهي بحث پيا ڪن تہ
حضرت عثمانؓ ۽ حضرت عليؓ مان ڪهڙو سنو هو؟
ڪير آهي جو منهنجي لاءِ ان دل کي نرم ڪري ڇڏي
جيڪا پٿر جي چپ مان گهڙي ناهي ويئي آهي
۽ آبدار موتيءَ جهڙي بدن ۾ رکي وئي آهي.

❖

## ابو طمام

محمد طوسيءَ کان پوءِ تمنائون ختم ٿي ويون
۽ مسافر سفر ڪرڻ وساري وينا.
هو اهڙو بهادر هو، جڏهن ٻه قبيلي جون اکيون سندس ياد ۾
رت جا لُڙڪ هاريندڀون تڏهن سندس ياد
۽ سندس ڳالهيون مرڪنديون رهنديون.
هو اهڙو بهادر هو جو تلوارن ۽ نيزن جي وچ ۾
اهڙي موت مئو جو جيڪڏهن فتح نه به ٿئي
ته به فتح کان گهٽ نه هو.

❖

## ابو فراس همداني

زماني جي حادثن ۾ انسان ڪنهن تي ڀروسو ڪري
۽ شريف ماڻهوءَ کي ساٿي ڪيئن هٿ ٿين؟
تمام تورن ماڻهن
کان سواءِ سمورا ماڻهو ڪپڙا پاتل بگهڙ آهن.

❖

## ابو العلاء المعري

هن زمين تي رهڻ وارن جا ٻه قسم آهن.
هڪڙا عقل وارا جيڪي بي دين آهن
ٻيا دیندار جيڪي بي عقل آهن.
ڪيستائين اهڙي قوم سان گڏ رهان
جنهن جا حاڪم عوام جي مفاد خلاف حڪم ڪين ٿا
رعيت تي ظلم ڪن ٿا. ساڻن نڀيون ڪن ٿا
۽ سندس پگهار کايو
سندس زندگيون زهر ڪن ٿا؟

❖

## ابن زيدون

اي پرهه جي هير! اسان جا سلام
ان کي پهچاءِ جيڪا جيڪڏهن اسان کي
پري کان ئي سلام ڪري تہ اسين وري جيئرا ٿي پئون
اي گلستان! تو هڪڙي زماني تائين
پنهنجي حسن جي گلابن ۽
چنبيلين سان اسان جي نگاهن جون مهمانيون ڪيون.
اڄ ائين ٿو لڳي ڄڻ اسان ٻنهي
ڪڏهن پنهنجي ٿئي ساٿيءَ
يعني وصل سان گڏ هڪڙي رات بہ نہ گذاري آهي.
۽ اسان جي خوشنصيبيءَ تي ڪڏهن بہ
اسان جي دشمن جون دليون ڪونہ جليون هيون.
اسين بہ راز هئاسون جن کي رات جي
اونداهيءَ لڪائي رکيو هو ۽ صبح جي
روشني اسانکي بي نقاب ڪري ڇڏيو.
جيڪڏهن توکان پوءِ منهنجيون راتيون
لمبيون ٿيڻ لڳيون آهن تہ مون کي توسان
گڏ گذاريل اُهي راتيون بہ ياد آهن
جن جي لاءِ آئون سجي رات شڪايت پيو ڪندو هوس
تہ راتيون ڪيڏيون نہ ننڍڙيون آهن!

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books